# Get Ahead SCIENCE 1

Promoting Private Schooling in Rural Sindh



January, 2015

لرننگ سپورٹ یونٹ
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

شرکت کندڑن لاءِ کتابچو

# فهرست


سائنس جي مضمون جي اهميت ........ 2

يونٽ 1 ........ 4

عنوان : جاندار ۽ غير جاندار شيون ........ 4

يونٽ 2 ........ 31

جاندار شيون: جانور ........ 31

يونٽ 3 ........ 31

جاندار شيون: ٻوٽا ........ 31

يونٽ 4 ........ 24

صحتمند زندگي ........ 24

يونٽ 5 ........ 11

مادو ........ 11

يونٽ 6 ........ 43

عنوان : گرمي ........ 43

يونٽ 7 ........ 44

روشني ........ 44

يونٽ 8 ........ 13

زمين ۽ ڪائنات ........ 13

# سائنس جي مضمون جي اهميت

**سائنس ڇا آهي؟**

سائنس لاطيني زبان جي اکر, سائنشيا, مان ورتل آهي, جنهن جي معنيٰ آهي, ڄاڻ يا سکيا. هِن جديد دؤر ۾سائنس جو مطلب آهي. پنهنجي آسپاس موجود دنيا جو اڀياس ڪرڻ ڇو ته سائنس اسان جي آسپاس موجود دنيا کي سمجهڻ بابت مختلف سوالن جا جواب ڏئي ٿي. جيئن: ڇا, ڇو ڇالاءِ, ڪيئن ۽ ڇاڪاڻ.

سائنس هڪ اهڙو ڪم آهي, جنهن کي انسان ئي سر انجام ڏين ٿا. دنيا ۽ ڪائنات جي گوناگون حقيقتن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سائنس تحقيق تي مشتمل هڪ مزيدار۽ هر پل وڌندڙعلم آهي. انهيءَ ڪريِ اهو چئي سگهجي ٿو ته ماڻهن, سماجن ۽ دنيا جي سمورن مسئلن کي حل ڪرڻ جو بيو نالو سائنس آهي. تنهنڪري اُن ڇوڙڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته سائنس جو واسطو اسان جي اُن ڄاڻ سان آهي, جيڪا ڪائنات ۽ ان ۾ موجود مادي بابت آهي.ٻين لفظن ۾ سائنس مضمون مادي جو هڪ منظم نالو آهي. سائنس اسڪولن اندر پڙهايو ويندڙ اُهو مضمون آهي. جيڪو هڪ لحاظ کان ٻين مختلف مضمونن جهڙوڪ جاگرافي ۽ تاريخ کان مختلف نه آهي پر ٻئي لحاظ کان سائنس انهن ٻين مضمونن کان مختلف به آهي ڇو ته سائنس تجربن جي بنياد تي کوجنا يا دريافت ڪرڻ جي مختلف طريقن کي استعمال ۾ آڻيندي آهي.

البرٽ آئن اسٽائن مطابق تعليم جو مقصد آهي ته**"ڪنهن فرد جي ذاتي سوچ کي نکارڻ"** ۽ اُن سلسلي ۾ ڪنهن به فرد جي شخصيت کي حقيقي معنيٰ ۾ نکارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ اِهو ضروري آهي ته هو پنهنجي زندگيءَ کي سائنس جي آفاقي اصولن مطابق نه صرف سمجهي پر انهن تي عمل به ڪري.

قومي نصاب مطابق سائنس کي ٽن وڏن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ انهن ٽنهي ڀاڱن کي پهرين درجي کان وٺي پنجين درجي تائين جي ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو آهي:

- **طبعي سائنس**
- **ارضياتي سائنس**
- **حياتياتي سائنس**

**سائنس پڙهائڻ جا مقصد:**

1. سائنسي انداز سان پنهنجي ماحول ۾ موجود هر شيءِ کي پرکڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪرڻ
2. مادي, گذر سفر جي ذريعن, مواد ۽ استعمال ۾ ايندڙ شين کي آساني سان سمجهڻ
3. سائنس کي عمل ۽ خيال جي ٻنهي طريقن سان سلهاڙي پيش ڪرڻ ته جيئن اسان پنهجي روز مره جي زندگيءَ کي آسانيءَ سان سمجهي سگهون
4. شاگردن کي سائنسي حقيقتن جي کوجنا لاءِ همٿائڻ ته جيئن انهن ۾ انهن سائنسي طريقن کي استعمال ڪرڻ جي عادت پيدا ٿئي
5. سائنسي طريقا/تجربا استعمال ڪري پنهنجي زندگيءَ جي فيصلن کي ڪارائتو بڻائڻ ۾ شاگردن جي سهائتا ۽ حوصلا افزائي ڪرڻ

**سائنس جي مضمون کي پڙهائڻ جو طريقو:**

سائنس جو مضمون مختلف طريقن ۽ حڪمتِ عملين کي استعمال ڪندي پڙهايو ويندوآهي, جن جي مدد سان هڪ استاد شاگردن کي سائنس جي ڏکين کان ڏکين تصورن کي به آسانيءَ سان سمجهائي سگهي ٿو. انهن سمورن طريقن ۾

حڪمتِ عملين کي اهڙو تہ آسان ۽ لچڪدار بڻايو ويو آهي جو جيڪڏهن ڪو استاد اُن ۾ پنهنجي علائقائي يا ثقافتي حالتن مطابق ڪي تبديليون ڪري اُن کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ چاهي تہ هو آرام سان ڪري سگهي ٿو. PPRS پروگرام جي اسڪولن ۾ ڪلاس پهرين جي سائنس جي ڪتاب کي پڙهائڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مختلف طريقا ۽ حڪمتِ عمليون هيٺ ڏجن ٿيون:

1. برين اسٽارمنگ (ذهني آمادگي)
2. ڪلاس روم جون سرگرميون
3. نوان لفظ
4. پڙهڻ
5. لکڻ
6. جائزو

**پهرين ڪلاس جي سائنس ڪتاب بابت:**

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي (Get Ahead Science 1) جو ڪتاب 8 يونٽن ۽ 30 (ننڍين موضوعن) ۾ ورهايل آهي. هن تربيتي ڪتابچي ۾ Get Ahead Science 1 جي سمورن يونٽس جي سمورن عنوانن تي مٿي بيان ڪيل طريقن ۽ حڪمتِ عملين کي استعمال ڪندي ليسن پلان (سبقي رٿابندي) ٺاهيا ويا آهن ۽ جيتري حد تائين سمورن مضمونن کي سهل ۽ آسان بڻائي سگهيو پئي اوترو بڻايو ويو آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي PPRS پراجيڪٽ جا اسڪول سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ کُليل آهن ۽ انهن اسڪولن ۾ موجود استادن جي صلاحيتن کي مدِنظر رکندي هر عنوان کي صحيح طرح سان پڙهائڻ لاءِ نون لفظن جو ذخيرو (گلاسيري) پڻ ڏني وئي آهي تہ جيئن استاد آسانيءَ سان سبق جي متن کي سمجهي سگهن. اُن کان علاوه اِها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي تہ سائنس جي مضمون کي جيڪڏهن استاد انهيءَ انداز سان پڙهائي جيئن سائنس جي ڪتاب يا هِن تربيتي ڪتابچي ۾ سمجهايو ۽ سيڪاريو ويو آهي تہ پوءِ اِها ڳالهہ پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ انهيءَ تعليمي سال اندر شاگردن ۾ کوجنا ڪرڻ، تجربا ڪرڻ، مشاهدا ڪرڻ، شڪ ڪرڻ، سوال ڪرڻ، ڪنهن بہ شيءِ جي اصليت کي سڃاڻڻ لاءِ اُن شيءِ جي انت تائين پهچڻ جهڙيون مختلف سائنسي مهارتون، عادتون ۽ مزاج پيدا ٿيندا ۽ اُهي مهارتون ۽ صلاحيتون ٻارن جي شخصيت جو حصو بڻجي زندگي جي مختلف مرحلن ۾ وقت بہ وقت ڪم اينديون رهنديون.

**نوٽ:**

سائنس ڪلاس پهرين جي ڪتاب ۾ موجود هر يونٽ جي شروع ۾ اُن يونٽ جي مقصدن Objectives ۽ سکيل نتيجن Learning Outcomes کي پڻ واضح ڪيو ويو آهي تہ جيئن استاد سائنس جي مضمون جي هر پهلو کي نہ صرف آسانيءَ سان سمجهي سگهي پر هو اِهو پڻ جاڻي تہ جيڪو ڪجهہ هن پڙهايو آهي سو شاگردن حاصل ڪيو آهي يا سکي ورتو آهي يا نہ. اُن کان علاوه هر يونٽ جي اختتام تي اُن يونٽ جي ورجاڻي جي حوالي سان پڻ ڪجهہ صلاحون ڏنيون ويون آهن جن جي شدت سان ضرورت محسوس پئي ڪئي وئي، جڏهن استاد انهن هدايتن کي پڙهي ۽ انهن تي عمل پيرا ٿيندو تہ ان سان هو يونٽ جي اختتام تي نہ صرف پُٺتي رهجي ويل شاگردن کي پر ڪلاس جي سمورن شاگردن کي پڻ اُن يونٽ جي سکيل تصورن کي وڌيڪ گهرائيءَ سان پڙهائي ۽ سمجهائي سگهندو.

# يونٽ 1

## عنوان : جاندار ۽ غير جاندار شيون

| گهربل تدريسي مواد | مقصد |
|---|---|
| • جاندار شين جا چارٽ، فليش ڪارڊ ۽ ماسڪ<br>• غيرجاندار شين جا فليش ڪارڊ<br>• مختلف جانورن ۽ انهن جي ٻچن جون تصويرون | هِن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ شاگرد اِن قابل ٿي ويندا جو هو:<br>• جاندار ۽ غيرجاندار شين جي فرق کي سمجهندا ۽ سڃاڻپ ڪري سگهندا.<br>• جاندار شين جي وڌڻ ويجهڻ، حرڪت ڪرڻ ۽ انهن جي بنيادي ضرورتن بابت ڄاڻي سگهندا.<br>• جاندارن جي پيدائش واري عمل ۽ اُن عمل سان زندگي جو وڌڻ ويجهڻ سمجهي سگهندا. |

## جاندار شيون

**برين اسٽارمنگ:**




استاد بورڊ تي هڪ لفظ لکندو " جاندار" ۽ ان جي چوڌاري هڪ ڪڪر ٺاهيندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته:"ٻارو توهان کي خبر آهي ته اسان جاندارن جي دنيا ۾ رهندا آهيون ۽ اسان مان هر هڪ ماڻهو جو روزانو جاندارن سان تعلق هوندو آهي. ڇا توهان مونکي ڪجھ جاندارن جا نالا ٻڌائيندئو؟" شاگرد جن به جاندارن جا نالا ٻڌائيندا استاد اُهي سڀ نالا بورڊ تي اُن ڪڪر جي چئوگرد لکندو جنهن ۾ لفظ " جاندار" لکيل آهي. برين اسٽارمنگ دوران جيڪڏهن شاگرد جاندارن جي حوالي سان ڪي نالا غلط ٻڌائن ٿا ته پوءِ استاد اُن جي تصحيح ڪندو ويندو ۽ اهڙي طرح استاد سوال پڇندي، اشارا ڏيندي ۽ ٻيا همٿائڻ وارا طريقا استعمال ڪندي شاگردن سان برين اسٽارمنگ ذريعي جانورن بابت سوال ڪندو ۽ شاگردن کي ڪوٺي انهن مان ڪوڙ ساري ڄاڻ حاصل ڪندو ۽ ضرورت مطابق انهن سان ڄاڻ پڻ ونڊيندو.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Living | جاندار | These | اِهي | Bat | چمڙو |
| Things | شيون | Housefly | مَک | Palm Tree | ھيرڻ جو وڻ |
| Some | ڪجھ | Child | ٻار | Sunflower | سورج مکي |
| Pumpkin | پيٺو/ ڪدو | Lion | شينهن | Frog | ڏيڏر |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي گروپن ۾ ويهاريندو ۽ کين پڙهايل مضمون کي مدِنظر رکندي ماسڪ ٺاهي ڏيندو يا بازار ۾ جانورن جي شڪلين جا ماسڪ آسانيءَ سان ملي ويندا آهن. انهن جو انتظام ڪندو يا وري ڪنهن پاڻي تي جانورن جي شڪلين وارين تصويرن کي لڳائي ڪري ماسڪ ٺاهيندو. اُن حوالي سان هتي ڏنل تصويرن کان پڻ مدد وٺي سگهجي ٿي ۽ پوءِ استاد ڪتاب ۾ موجود جاندارن جي تصويرن تي شاگردن کان رول پلي ڪرائيندو. اِهو رول پلي سنڌيءَ ۾ پڻ ڪري سگهجي ٿو. مثال: مڇي

I am a fish. I live in water.
I have scales on my body,
People like to eat me and I cannot live without water.



**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق "جاندار شيون" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. جنهن تحت استاد سبق جي چونڊ ٽڪري يا پيراگراف کي ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهائي پهريان پاڻ تي دفعا پڙهندو ۽ پوءِ ٻه دفعا شاگردن کي پاڻ سان گڏ پڙهڻ لاءِ چوندو. اُن کان علاوه استاد ڪتاب منجهان سبق جو ڪو ٽڪرو چونڊي اُن کي بورڊ تي لکي ٻه مٿي بيان ڪيل طريقن مطابق پڙهي ۽ پڙهائي سگهي ٿو. استاد ٻئين ڏينهن تي، "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "جاندار شيون" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

نوٽ: L1 جو مطلب آهي اُها ٻولي جيڪا ٻارن جي گهرن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ هر ٻي ٻولي اسان لاءِ L2 آهي. اُن لاءِ L2 سمجهڻ ۾ مشڪل ٿيندي آهي. جنهن ڪري "سينڊوچ" طريقي ۾ L2 کي 2 دفعا پڙهائبو.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | These are some living things |
| **L1** | هي ڪجهه جاندار شيون آهن |
| **L2** | These are some living things |

**لکڻ:**




استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل "جاندار شين" جا نالا لکڻ لاءِ چوندو ته هو اُهي پنهنجي ڪاپين ۾ لکندا. لکڻ دوران استاد هر هڪ شاگرد جي ڪاپي جي چڪاس ڪندو ۽ ضرورت مطابق ڪين صحيح اسپيلنگ لکڻ سيکاريندو ۽ لکڻ ۾ ڪين گهٽي توجهه مُهيا ڪندي مسلسل رهنمائي فراهم ڪندو.

**جائزو:**

- استاد پهريان ڪنهن مئگزين، اخبار يا فليش ڪارڊز مان جاندارن ۽ غير جاندارن جون تصويرون هٿ ڪري شاگردن کي ڏيندو ۽ ڪين هدايت ڪندو ته هو انهن مان جاندار ۽ غيرجاندار شين جون تصويرون الڳ ڪري ڏنل خانن ۾ چنبڙائين.
- استاد شاگردن کان ڪتاب ۾ ڏنل جاندار شين جي خاصيتن بابت سوال جواب ڪندو.

## عنوان : غير جاندار شيون

**برين اسٽارمنگ:**




استاد بورڊ تي هڪ لفظ لکندو "غير جاندار" ۽ اُن جي چوڌاري هڪ ڪڪر ٺاهيندو ۽ پوءِ شاگردن کي چوندو: ٻارو! توهان کي خبر آهي ته غير جاندار شيون ڪهڙيون ٿينديون آهن؟ " شاگرد جن ٻه غير جاندار شين جا نالا ٻڌائيندا استاد اهي سڀ نالا بورڊ تي ان ڪڪر جي چوڌرد لکندو ويندو جنهن ۾ لفظ "غير جاندار" لکيل آهي. اُن ڪانپوءِ استاد شاگردن کان انهن غير جاندار شين جي حوالي سان مختلف سوال پڇندو جيئن:

- چا اِهي شيون چرپر، ڪاٺي پيٽي، وڏي ويجهي سگهنديون آهن ۽ اِهي ڪهڙي استعمال ۾ اينديون آهن؟

اهڙي طرح شاگردن کان پُڇيل سوالن جا جواب استاد بورڊ تي تاهيل ڪڪر جي چوگرد لکندو ويندو ۽ جتي ضرورت هوندي اُتي استاد وابسطہ تصورن کي وڌيڪ واضح ۽ چٽي طريقي سان سمجهائيندو.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Scissor | قينچي | Ball | بال | Spade | بيلچو |
| Cup | ڪوپ | School Bag | اسڪول جو ٿيلهو | Rock | پٿر، ٽڪري |
| Fan | پکو | Clock | گهڙيال | Own | پنهنجو ذاتي |
| Radio | ريڊيو | Encourage | همت وڌائڻ | Try | ڪوشش |
| Text | متن | Explain | سمجهائڻ | Note | اهم، خاص |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن جا گروپ ناهي، انهن کي هدايت ڪندو تہ هو ڪلاس ۾ ڪلاس جي ڪمري کان ٻاهر اسڪول اندر موجود غير جاندار شيون جمع ڪن. جڏهن هر گروپ ڏنل وقت مطابق غير جاندار شيون جمع ڪري وٺندو تہ پوءِ هر هڪ گروپ کي ڪلاس آڏو گهُرايو ويندو ۽ پوءِ هر گروپ پنهنجين جمع ڪيل غير جاندار شين جو تعارف ڪرائيندو ۽ انهن شين جي غيرجاندار هجڻ جون خاصيتون ٻڌائيندو.
- استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 1 ڪرڻ لاءِ چوندو جنهن تحت شاگرد صرف جاندار شين جي ڏنل خاڪن ۾ رنگ ڀريندا.

**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق " غير جاندار شيون" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. جنهن تحت استاد سبق جي چونڊ ٽُڪري يا پيراگراف کي ننڍين ننڍين حصن ۾ ورهائي پهريان پاڻ ٻہ دفعا پڙهندو ۽ پوءِ ٽي دفعا شاگردن کي پاڻ سان گڏ پڙهڻ لاءِ چوندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق " غير جاندار شيون" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | These are some non-living things |
| **L1** | هي ڪجهہ غير جاندار شيون آهن |
| **L2** | These are some non-living things |

**لکڻ:**

استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل " غير جاندار شيون" جا نالا پنهنجين ڪاپين ۾ لکڻ لاءِ چوندو. استاد هر هڪ شاگرد جي ڪاپيءَ کي جانچيندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي لکڻ يا ڪنهن لفظ سمجهڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي تہ هو سندن رهنمائي ڪندو. ياد رهي تہ استاد جورويو هميشہ دوستاڻو ۽ پنهنجائپ وارو هجڻ گهرجي نہ ڪي اُن جي ٻولي تيز يا طنز ڀريل هجي.

**جائزو:**

- استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل مختلف غيرجاندار شين جي خاصيتن ۽ انهن جي استعمال بابت پڇندو.
- استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل ورجاڻيءَ واريون مشقون حل ڪرائيندو.







## عنوان : واڌ ويجهه

**برين اسٽارمنگ:**




استاد ڪلاس ۾ موجود شاگردن کي پنا ڏيندو ۽ کين چوندو تہ هو پنهنجي ننڍي لاءِ جي تصوير ناهن ۽ استاد پاڻ بہ ان سرگرميءَ ۾ شامل ٿيندو. استاد سڀ کان پهرين پنهنجي ننڍپڻ لاءِ جي تصوير ڏيکاريندي اُن متعلق ٻڌائيندو تہ هو ننڍپڻ ڪيئن هوندو هيو. ان کانپوءِ استاد هر هڪ شاگرد کي آڏو گهرائي اُن کي پنهنجي تصوير ڏيکارڻ لاءِ چوندو ۽ پوءِ سندن ننڍي هوندي بابت هيٺ ڏنل ڪجھ سوال پڇندو:

- توهان ننڍپڻ ۾ ڪيئن هئا؟
- هاڻ جڏهن اوهان وڏا ٿي ويا آهيو تہ اوهان ڪيئن ٿا لڳو؟
- وڏي ٿيڻ لاءِ ڪهڙين شين جي ضرورت هوندي آهي؟
- جيڪڏهن اسان وقت تي ماني نہ کائون، صاف پاڻي نہ واپرايون، پنهنجي جسم جي صفائي نہ ڪريون، ورزش نہ ڪريون ۽ پنهنجي صحت جو خيال نہ رکون تہ اسان سان ڇا ٿي سگهي ٿو؟ اهڙي طرح انهن سوالن جا جواب استاد بورڊ تي لکندو ويندو ۽ واڌ ويجهه بابت شاگردن کان پُڇيل سوالن جي جواب ۾ حاصل ٿيل مختلف جواب وڏيڪ واضح طريقي سان سمجهائيندو ويندو.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Grow | وڌڻ | Baby Boy | ننڍو ڇوڪرو | Woman | عورت |
| Man | مرد،ماڻهو | Baby Girl | ننڍي ڇوڪري | Baby Animals | ننڍا جانور |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد هِن موضوع کي ڪلاس ۾ پڙهائڻ کان اڳ ئي هڪ سرگرمي شاگردن کان ڪرائيندو ۽ اسڪول جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ڪٽڪ يا ڪنهن ٻئي جنس جا ٻج زمين ۾ پوکرائيندو. ڪجھ ڏينهن کانپوءِ اُن جاءِ تي سلا اُپري ايندا. استاد شاگردن کي هر روز اُن جڳهہ کي ڏسڻ ۽ جانچڻ لاءِ چوندو. جيئن جيئن سلا اُپرندا ۽ اسرندا ويندا تيئن تيئن استاد شاگردن کي سمجهائيندو ويندو تہ هڪ ٻج منجهان ڪيئن هڪ سلو نڪري ٿو ۽ پوءِ اُهو سلو ڪيئن وڌو ٿي هڪ ٻوٽو ٻڻجي ٿو. انهيءَ ساري عمل کي اسان واڌ ويجهه چوندا آهيون




- استاد شاگردن کي چوندو تہ هو گهر مان پنهنجا ننڍپڻ جا فوٽو کڻي اچن ۽ پوءِ استاد انهن فوٽن کي ڪلاس جي سيني شاگردن کي ڏيکاري چوندو تہ هي فوٽو امجد جو آهي، اسان ڏسي رهيا آهيون تہ امجد بہ ٿي سال اڳ ڪيئن هو ۽ اهڙي طرح استاد پنهنجا مختلف فوٽو پڻ ڏيکاري ۽ کين

ٻڌائي تہ هو 31 يا 31 سال اڳ ڪيئن هيو ۽ هاڻ جڏهن هو وقت گذرڻ سان گڏ واڌ ويجهہ جي عمل مان گذريو تہ هاڻ هو ڪيئن نظر اچي رهيو آهي.

**نوٽ:** اها سرگرمي ٻوٽي جي نسرڻ ۽ وڏي ٿيڻ تائين هلندي رهندي تنهن ڪري استاد وقت سان گڏوگڏ اُن سرگرميءَ ڪي شاگردن جي سمجهڻ لاءِ دهرائيندو رهندو ۽ پوڪيل ٻوٽي يا ٻوٽن جي سار سنڀال لاءِ شاگردن ڪي همٿائيندو رهندو.

**پڙهڻ:**

استاد پهرئين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "**واڌ ويجهہ**" 3+2 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئين ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "**واڌ ويجهہ**" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | A baby boy grows into a man |
| | **L1** | هڪ ننڍو ٻار وڏو ٿي ماڻهو ۾ تبديل ٿي ويندو آهي |
| | **L2** | A baby boy grows into a man |

**لکڻ:**






استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل "**واڌ ويجهہ**" واري سبق ۾ موجود ڪن ٻہ ٽن چونڊ جملن کي پنهنجين ڪاپين ۾ لکڻ لاءِ چوندو. جيڪڏهن استاد پاڻ هر شاگرد جي ڪاپيءَ ۾ هڪ صفحي تي هڪ جملو ۽ ٻئي صفحي تي ٻيو جملو لکي ڏئي ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ هو انهيءَ جملي کي ڪاپي جي باقي صفحي تي هيٺان پاڻ لکن.

**جائزو:**

- استاد شاگردن کان ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 2 حل ڪرائيندو. جنهن تحت شاگرد ڏنل جملن ۾ خال پريندا. هِن سرگرمي ڪرڻ وقت استاد شاگردن کان انهن جا ڪتاب کولرائيندو ۽ پوءِ پاڻ هر هڪ جملو پڙهندو ويندو ۽ پوءِ جتي خال اچي، اُتي ڪانئن پُڇندو تہ ڪهڙو لفظ ايندو. جيڪڏهن شاگرد جواب غلط ڏين تہ استاد سندن همٿائيندي اصلاح ڪندو ۽ جواب پڻ صحيح لکرائيندو. جڏهن سرگرمي نمبر 2 مڪمل ٿي وڃي تہ پوءِ استاد سيني شاگردن جا ڪتاب جاچيندو ۽ جيڪڏهن ڪي غلطيون هجن تہ استاد هر هڪ شاگرد جي اُن حوالي سان اصلاح ڪندو.
- استاد شاگردن کان ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 3 حل ڪرائيندي، سندن مشاهدي مطابق يا ڪتاب ۾ ڏنل ڪنهن بہ"ننڍڙي جانور Baby Animal" جي تصوير ناهڻ جي هدايت ڪندو.

## **عنوان: چرپر**

**برين اسٽارمنگ:**

استاد ڪتاب، مئگزين يا اخبار منجهان اهڙن جانورن جون تصويرون هٿ ڪندو. جيڪي ڪتاب ۾ ڏنل آهن ۽ جن تصويرن ۾ جانورن جي چُرپر ڏيکاريل آهي. يا وري استاد پاڻ اهڙين تصويرن جا فليش ڪارڊ ناهي يا جانورن جي چُرپر ڪندڙ تصويرون بورڊ تي ناهي ۽ واري واري سان هر هڪ جانور جي تصوير بورڊ تي لڳائي، شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پُڇي:

- هِن جانور جو نالو ڇا آهي؟
- اوهان هن تصوير ۾ جانور جي ڪهڙي حرڪت ڏسي رهيا آهيو؟

- اِن جانور جي اهڙي حرڪت ڪي اسان ڇا چوندا آهيون؟ (نوٽ: هر جانور جي حرڪت جو نالو الڳ هوندو آهي.)

اهڙي طرح انهن سوالن جا جواب استاد بورڊ تي لکندو ويندو ۽ مختلف جانورن جي ڇُرپر بابت شاگردن کان پُڇيل سوالن جي جواب ۾ حاصل ٿيل مختلف جواب وڏيڪ واضح طريقي سان سمجهائيندو ويندو.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Move | ڇُرپر،اچڻ وڃڻ | Fly | اُڏامڻ | Horse | گهوڙو |
| Bird | پکي | Swim | ترڻ | Run | ڊوڙڻ |
| Walk | پنڌ ڪرڻ | Slither | ريڙهيون پائڻ | Sunflower | سورج مکي |
| Snake | نانگ | Jump | ٽپو ڏيڻ | Face | منهن |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي گروپن ۾ ويهاريندو ۽ کين هدايت ڪندو ته هو پنهنجي تجربن جي حوالي سان جانورن جي حرڪتن مطابق ڪي ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون ٺاهين. جڏهن هر هڪ گروپ ڪهاڻي ٺاهڻ کانپوءِ ڪلاس آڏو اُها ڪهاڻي يا ڪو حقيقي واقعو پيش ڪندو.
- استاد مختلف جانورن جا نالا ڪٺندو ۽ پوءِ شاگردن کي چوندو ته هو اُن جانور جي ڇرپر ڪرڻ جي طريقي کي عملي طور ڪري ڏيکارين ۽ جيڪڏهن شاگرد انهن جانورن جا آواز ڪيين ته اِهو پڻ ڏاڍو بهتر رهندو

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "ڇرپر" 3+2 واري طريقي سان پڙهائيندو جنهن تحت استاد سبق ۾ ڏنل ننڍن جملن کي پهريان پاڻ ٽي دفعا پڙهندو ۽ پوءِ ٻه دفعا شاگردن کي پاڻ سان گڏ پڙهڻ لاءِ چوندو. ضرورت مطابق استاد سبق جي متن کي مدِنظر رکندي پڙهائڻ وقت عملي طور تي ايڪشن پڻ ڪري ڏيکاري ته جيئن شاگردن کي سمورو سبق ۽ هر جانور جي ڇُرپر آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ۽ اهڙي طرح شاگردن کي انگريزي جا اُهي لفظ ايڪشن سان اچارڻ ۽ دهرائڻ سان وڌيڪ جلد ۽ آسانيءَ سان ياد ٿي ويندا. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "ڇرپر" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻُڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| L2 | Living things move. |
| L1 | جاندار شيون ڇرپر ڪنديون آهن. |
| L2 | Living things move. |

**لکڻ:**

استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل "ڇرپر" واري سبق ۾ موجود ننڍين ننڍين سمورن جملن کي لکڻ لاءِ چوندو يا جيڪڏهن استاد پاڻ هر شاگرد جي ڪاپيءَ ۾ هڪ صفحي تي هڪ، ٻئي صفحي تي ٻيو ۽ ٽين صفحي تي ٽيون جملو لکي ڏئي ۽ پوءِ کين هدايت ڪري ته هو انهيءَ جملي کي ڪاپي جي باقي صفحي تي هيٺان پاڻ لِکن.

**جائزو:**

- استاد بورڊ تي ڪتاب ۾ جانورن جي ڇُرپر جي حوالي سان ڏنل جملن جا خال ٺاهي لکندو جيئن:

A horse __________ A fish __________ A child __________

پوءِ انهن جملن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ شاگردن کان جواب وٺندو ۽ صحيح جواب کي بورڊ تي لکيل اڌوري جملي سان گڏ لکي جملو پورو ڪندو. جڏهن اِها سرگرمي پوري ٿي وڃي ته پوءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو بورڊ تي ٽيل ڪم کي پنهنجين ڪاپين ۾ اُتارين.

- استاد مختلف جانورن جا نالا ڪڍندو يا تصويرون ڏيکاري شاگردن کان پُڇندو ته اُهي جانور ڪهڙي طريقي ۽ انداز سان چُرپر ڪندا آهن؟ جيڪو شاگرد جواب ڏيندو اُهو جانور جي اهڙي انداز واري چُرپر پاڻ ڪلاس ۾ سيني جي آڏو ڪري ڏيکاريندو

## **عنوان : پيدائش**

**برين اسٽارمنگ:**



استاد مختلف "جاندار شين" جي ٻچن/ٻارن"Baby Animals" جون تصويرون هٿ ڪندو ۽ هر هڪ تصوير بورڊ تي لڳائيندو ۽ پوءِ گروپ ورڪ ڪرائڻ لاءِ شاگردن کي ٻن گروپن ۾ ورهائيندو. هڪ گروپ کي چوندو ته هو انهن جانورن جون تصويرون ڻاهين جيڪي ٻچا ڏين ٿا ۽ ٻئي گروپ کي چوندو ته هو انهن جانورن جون تصويرون ڻاهين، جيڪي آنا ڏين ٿا. جڏهن شاگرد تصويرون ڻاهي وٺن ته پوءِ استاد ٻنهي گروپن کي واري واري سان ڪلاس آڏو گهُرائي، انهن کان انهن تصويرن بابت پريزنٽيشن وٺندو. ضرورت مطابق استاد شاگردن کان مختلف سوال پڻ ڪندو جيئن:

- اوهان ڪهڙي جانور جي تصوير ڻاهي آهي؟
- هي جانور ٻچا ڏيندو آهي يا آنا؟
- جيڪي جانور ٻچا ڏيندا آهن اُهي پنهنجن ٻچن کي ڇا پيارڻيندا آهن؟
- جيڪي جانور آنا ڏيندا آهن, اُهي پنهنجن ٻچن کي ڇا کارائيندا آهن؟
- ڇا غير جاندار شيون ٻچا ڄڻي سگهنديون آهن؟ وغيره وغيره

اهڙي طرح انهن سوالن جا جواب حاصل ڪندي، استاد سموري سرگرميءَ کي سهيڙيندي ۽ اهم ڳالهيون بورڊ تي لکندو ويندو ۽ مختلف جانورن ۾ انهن جي ٻچن بابت وڌيڪ تصور واضح ۽ چٽي طريقي سان سمجهائيندو.





**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Have | هجڻ | Need | ضرورت | Water | پاڻي |
| Do | ڪرڻ | All | سڀ،سمورو | Air | هوا |
| Basic | بنيادي | Food | کاڌو | Blue | بلونيرو |
| Revision | دهرائڻ | True | صحيح | Live | زنده |
| False | غلط | Cow | ڍڳي/ڳئون | Red | ڳاڙهو |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد ڪجھ جانورن ۽ انهن جي ٻچن/ٻارن جون تصويرون هٿ ڪندو ۽ انهن تصويرن کي پاڻ ۾ گڏائي ڇڏيندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي ڪلاس آڏو گهرائي ڪانئن پُڇندو تہ هو انهن مان هر هڪ ٻچي/ٻار کي پنهنجي ماءُ سان ملائي جوڙو ناهين جيئن: ماءُ ۽ ٻار - ٻلي ۽ ٻلونگڙو.



- استاد شاگردن کان پُڇندو تہ ڇا انهن جي گهرن ۾ جانور آهن؟ جن ٻارن جي گهرن ۾ جانور آهن، انهن کي ڪلاس جي آڏو گُهرائي ڪانئن پُڇندو تہ هو ٻڌائين تہ اهي جانور پنهنجي ٻچن جي حفاظت يا پالنا ڪيئن ڪندا آهن. استاد شاگردن آڏو ڪجھ جاندار ۽ ڪجھ غير جاندار شين جون تصويرون رکندو ۽ پوءِ ڪانئن هيٺيان سوال پُڇندو:
    - ڪهڙيون شيون ٻچا پيدا ڪنديون آهن؟
    - ڪهڙن جاندارن جا ٻچا انهن جي والدين جهڙا هوندا آهن؟ وغيره

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "پيدائش" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو، جنهن تحت استاد سبق جي چونڊ ٽڪري يا پيراگراف کي ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهائي پهريان پاڻ تي دفعا پڙهندو ۽ پوءِ ٻہ دفعا شاگردن کي پاڻ سان گڏ پڙهڻ لاءِ چوندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "پيدائش" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| L2 | Living things have babies. |
| L1 | جاندار شين کي ٻار ٻچا ٿيندا آهن. |
| L2 | Living things have babies. |

**Example:**

| | |
|---|---|
| L2 | All living things need food, water and air to live. |
| L1 | سمورين جاندار شين کي زنده رهڻ لاءِ کاڌي، پاڻي ۽ هوا جي ضرورت هوندي آهي. |
| L2 | All living things need food, water and air to live. |

**لکڻ:**

استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل "پيدائش" واري سبق ۾ موجود ٽن ننڍن ننڍن جملن کي لکڻ لاءِ چوندو يا جيڪڏهن استاد پاڻ هر شاگرد جي ڪاپيءَ ۾ هڪ صفحي تي هڪ، ٻئي صفحي تي ٻيو ۽ ٽين صفحي تي ٽيون جملو لکي ڏئي ۽ کين هدايت ڪري ته هو انهيءَ جملي کي ڪاپيءَ جي باقي لڪيرن تي پاڻ لکن.

**جائزو:**

استاد شاگردن کي چئن گروپن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ هر هڪ گروپ کي هيٺ ڏنل جملا ياد ڪرڻ لاءِ چوندو:

| گروپ نمبر 1: | گروپ نمبر 2: | گروپ نمبر 3: | گروپ نمبر 4: |
|---|---|---|---|
| Sparrow flies.<br>Butterfly flies.<br>Frog hops. | Snake slithers.<br>Worm slithers.<br>Parrot flies. | Fish swims.<br>Alligator swims.<br>Turtle swims. | Child walks.<br>Cat walks.<br>Lion walks. |

جڏهن سمورن گروپن جي سمورن شاگردن کي اِهي ڏنل جملا ياد ٿي وڃن ته پوءِ استاد هر گروپ کي واري واري سان ڪلاس آڏو گهرائيندو ۽ کين ڏنل جملا پڙهڻ سان گڏ اِهو ايڪشن پڻ ڪري ڏيکارڻ جي هدايت ڪندو. اِن طريقي سان شاگردن کي نه صرف سائنس جي ڪتاب ۾ موجود نوان لفظ پڻ ياد ٿيندا پر ايئن ڪرڻ سان هو انهن لفظن جي معنيٰ کي صحيح طريقي سان سمجهڻ سان گڏوگڏ انهن جي اُچارن کي به بهتر ڪندا ۽ آهستي آهستي انگريزي ڳالهائڻ ڏانهن پڻ راغب ٿيندا.

**يونٽ جي پڄاڻي:**

هن جڳهه تي يونٽ "**جاندار ۽ غير جاندار شين**" جي پُڄاڻي ٿئي ٿي. استاد کي گهرجي ته هو يونٽ جي پُڄاڻي وقت سموري يونٽ جو ورجاءُ ڪري جنهن سان شاگردن کي سموري يونٽ جي مختلف موضوعن جي ربط کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿيندي ۽ هو يونٽ جي هڪٻئي سان جُڙيل مختلف موضوعن تي دسترس حاصل ڪرڻ جي قابل ٿيندا.

ورجاءُ ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين کي مدِنظر رکڻ ضروري آهي:

- جيڪڏهن سموري يونٽ جو ورجاءُ هڪ هفتو يا اُن کان به وڌيڪ وقت هلي ٿو ته اِن ۾ ڪا به پريشانيءَ جي ڳالهه ناهي.
- استاد کي گهرجي ته اِن ڳالهه جي پڪ ڪري ته هر هڪ شاگرد کي يونٽ جي هر هڪ حصي تي مڪمل دسترس حاصل هجي، جيئن:
  - يونٽ ۾ موجود سمورن موضوعن جي سموري متن جي سمجهه.
  - يونٽ ۾ استعمال ڪيل لفظن جي ذخيري جي يادگيري.
  - يونٽ ۾ ڏنل جاندارن ۽ غيرجاندارن جي فرق کي سمجهڻ.
  - جاندارن جي واڌ ويجهه، چرپر ۽ پيدائش.
- جاندارن جي بنيادي ضرورتن وغيره تي مڪمل دسترس ۽ انهن متعلق مُهيا ڪيل ڄاڻ جي ڀرپور ۽ مڪمل معلومات هجي. اُن کان علاوه اِن ڳالهه کي پڻ يقيني بڻايو وڃي ته يونٽ ۾ ڏنل هر هڪ ايڪسرسائيز ۽ ايڪٽوٽي تي هر هڪ شاگرد کي مڪمل مهارت حاصل هجي.

**نوٽ:**

جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پُڄاڻي تي هڪ يا ٻه ڏينهن "**جاندار ۽ غير جاندار شين**" جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري ۽ يونٽ ۾ بيان ڪيل سمورن تصورن کي زباني ۽ عملي ڪم ڪندي شاگردن کي مصروفِ عمل رکي ته ايئن ڪرڻ سان شاگردن کي نه صرف اُن يونٽ ۾ موجود سمورن تصورن کي سمجهڻ ۾ آساني

ٿيندي پر اهڙي سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن جي ذهني نشوونما پڻ وڌيڪ سُٺي نموني ٿيندي ۽ سندن يادداشت بہ بهتر ٿيندي

## يونٽ 2

## جاندار شيون: جانور

| مقصد | گهربل تدريسي مواد |
|---|---|
| هِن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ شاگرد اِن قابل ٿي ويندا جو هو:<br>• مختلف جانورن ۾ فرق ۽ انهن جي عادتن، رهڻي ڪهڻي، وڌڻ ويجهڻ، خاصيتن بابت ڄاڻي سگهندا تہ اُهي خاصيتون انهن کي ڪيئن زندهہ رهڻ ۾ مدد ڪنديون آهن. | مختلف جانورن جا فليش ڪارڊز، چارٽ، تصويرون ۽ رانديڪا |

## عنوان : جانور

**برين اسٽارمنگ:**

استاد ڪلاس ۾ موجود شاگردن کي عنوان بابت ڪهاڻي ٻڌائيندو:

### شهزادي جو شڪار

پيارا ٻارو! گهڻو وقت اڳ هڪڙي ملڪ ۾ هڪ شهزادو رهندو هو. هڪ ڏينهن اُن کي شڪار جو شوق ٿيو ۽ پوءِ هو پاڻ سان وزير ۽ سپاهي وٺي شڪار ڪرڻ لاءِ نڪتو. هلندي هلندي هو هڪ اهڙي جهنگ ۾ پهتو جتي ڪوڙ سارا جانور موجود هئا ۽ اُتي پاڻي جو هڪ درياءَ بہ وهي رهيو هو. شهزادي جهنگ جو جائزو ورتو تہ اُن کي ڏاڍو مزو آيو. اُن جهنگ ۾ هن هڪ گهوڙو ڊوڙندي ڏٺو ۽ ڪجھ جهنگلي ڪتا ڀڄندي ۽ راند ڪيڏندي ڏٺا ۽ هڪ جهنگلي ٻلي وڏي ٽُلهي متاري ڪوئي جي ڪڍ ڊڪي رهي هئي ۽ ڪوئو بہ نينگ ٽپا ڏئي پنهنجي جان بچائي هڪ ٻر مان ٻئي ٻر ۾ ڀڄي رهيو هو. شهزادي ڏٺو تہ هڪ وڻ جي هيٺان هزارين ماڪوڙيون قطار ناهي هڪ جَڳهہ کان ٻئي جڳھ ڏانهن وڃي رهيون هيون ۽ انهن جي وات ۾ ڪاڏي جا ننڍا ننڍا ذرا پڻ هئا. شهزادو اڃا جهنگ ۾ گهمي رهيو هو تہ هِن اوچتو شينهن جو گجگوڙ ٻُڌو پوءِ هن پري کان ڏٺو تہ هڪ ٻبر شينهن پنهنجن خوبصورت وڏن وارن سان جهنگ ۾ وڏي شان سان گهمي رهيو هو. اُن کانپوءِ اُهو شهزادو جهنگ جا نظارا ڏسندي ڏسندي درياءَ جي ڪناري تي پهتو تہ هو حيرت ۾ پئجي ويو هِن ڏٺو تہ اُتي هاٿين جو هڪ جهُنڊ /ڌڻ پاڻيءَ ۾ وهنجي رهيو هو ۽ مستيون ڪري رهيو هو ۽ انهن هاٿين جي پرسان ئي درياءَ جي پاڻيءَ ۾ مڇيون خوشيءَ منجهان ٽپا ڏئي رهيون هيون ۽ درياءَ جي ڪناري ڏيڏر پڻ ٽان ٽان ٽان ڪري رهيا هئا. اُن کان علاوه شهزادي جهنگ ۾ ڪوڙ سارا خوبصورت پکي پڻ ڏٺا، جيڪي ڏاڍا رنگ برنگي هئا ۽ انهن ۾ خاص ڪري طوطا، مور ۽ ڪبوتر تہ ڏاڍا سهڻا هئا. اوچتو شهزادي جي آڏو هڪ تمام ڊگهو جانور گذري ويو جنهن جو نالو زراف هو ۽ اُن جي پرسان وڻ تي شهزادي هڪ نانگ بہ ڏٺو جيڪو ڏاڍو ڊگهو ۽ رنگ جو ڪارو هو. شهزادي کي سندس وزير ٻڌايو تہ ان نانگ جو نالو ڪوبرا آهي. شهزادي جهنگ جا اهڙا وڻندڙ نظارا ڏسي فيصلو ڪيو تہ هو اڄ کانپوءِ شڪار نہ ڪندو ۽ جهنگ جي جانورن کي نہ ماريندو ڇو تہ اُهي جانور پنهنجي دنيا ۾ ڏاڍا خوش هئا.



ڪهاڻي ٻُڌائڻ کانپوءِ استاد شاگردن کان ڪهاڻيءَ متعلق سوال پُڇندو ته آيا شاگردن کي ڪهاڻي ۾ اُن جو متن سمجهه ۾ آيو يا نه.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Animals | جانور | Small | ننڍو | Other | ٻيو |
| Created | تخليق ڪيا | Are | آهن | Shape | شڪل، صورت |
| Different | مختلف | From | کان، مان | Size | ماپ، پيمائش |
| Type | قسم | Each | هر هڪ | Smaller | ننڍو |
| Look | ڏسڻ | Bodies | جسم | Bigger | وڏو |
| Elephant | هاٿي | Picture | تصوير | Above | مٿيون |
| Cat | ٻلي | Ant | ماڪوڙي | Dog | ڪتو |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**





- استاد ٽن ٽن ٻارن جو هڪ گروپ ٺاهيندو ۽ پوءِ هر هڪ گروپ کي مِٽيءَ مان هڪ هڪ جانور جو رانديڪو ٺاهي، سُڪائي ۽ رنگ ڪري ڪٽي اچڻ لاءِ چوندو.
- اُن کانپوءِ ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي استاد هڪ هڪ شاگرد کي ڪلاس آڏو گهرائي، انهن کان ڪنهن به هڪ جانور جي تصوير يا رانديڪو ڏئي کيس چئي ته هو اُن جانور جي آواز، رنگ روپ، قد بت، کاڌ خوراڪ، خاصيتن ۽ عادتن بابت سيني شاگردن کي وضاحت سان ٻُڌائي ۽ جيڪي شاگرد جانورن جا آواز صحيح ڪڍن يا انهن جون حرڪتون ڪري ڏيکارن ته انهن کي شاباس ڏئي ۽ ڪلاس جي ٻين سمورن شاگردن کي پڻ همٿائي ته هو پڻ هر هڪ جانور جي آواز ۽ حرڪتن جو نقل ڪري ڏيکارين

<u>نوٽ</u>: اڄڪلهه بازار ۾ آساني سان هر قسم جي جانورن جا پوسٽر ۽ رانديڪا ملي وڃن ٿا، سائنس جو استاد ڪوشش ڪري پنهنجي اسڪول مالڪ سان ملي ڪري پهرين ڪلاس جي سائنس جي ڪتاب ۾ موجود جانورن جي لسٽ ٺاهي، انهن جا رانديڪا، تصويرون ۽ پوسٽر خريد ڪري يا وري شاگردن کان ڳوهيل چيڪي مِٽيءَ مان مختلف جانورن جا رانديڪا ٺهرائي انهن کي ٻاهه ۾ پچائي ڪري انهن کي رنگ ڏياري رکي. جيڪي سرگرمين ڪرائڻ ۾ مدد فراهم ڪندا.

**<u>پڙهڻ:</u>**

پهرين ڏينهن استاد شاگردن کي سبق <u>” **جاندار شيون** (**جانور**) “</u> 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئي ڏينهن تي ”سينڊوچ“ طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق <u>” **جاندار شيون** (**جانور**) “</u> معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | Allah has created different types of animals. |
| **L1** | الله مختلف قسمن جي جانورن کي پيدا ڪيو آهي. |
| **L2** | Allah has created different types of animals. |

**لکڻ:**

- استاد "**جاندار شيون (جانور)**" جي سبق ۾ ڏنل پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو (لکڻ جو اهو مرحلو 3 کان 4 ڏينهن تائين پڻ هلي سگهي ٿو) ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اِهي پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

سرگرمي کي مدِنظر رکندي، استاد شاگردن کي ڪتاب منجهہ ڏنل تصويرن کي ڏيکاريندي خال پرائيندو.

## عنوان : جانورن جا قسم

**برين اسٽارمنگ:**




استاد سڀ کان پهرين پاڻ سبق "**جانورن جا قسم**" چڱي طرح پڙهندو ۽ پوءِ بورڊ تي لفظ "**جانورن جا قسم**" لکندو. ان کانپوءِ سبق کي مدِنظر رکندي استاد شاگردن کي سبق ۾ ڏنل مختلف جانورن جا فليش ڪارڊز ڏيندو ۽ انهن جانورن جي خاصيتن متعلق مختلف سوال پُڇندو جيئن:

- هي جانور هڪبئي کان ڇو ۽ ڪيئن مختلف آهن؟
- جانورن جا ڪيترا قسم آهن ۽ اوهان جي ڳوٺ ۾ ڪهڙا ڪهڙا جانور موجود آهن؟
- اوهان پاڻ منجهہ ڪهڙا جانور ۽ گهرن ۾ ڪهڙا جانور ڏٺا آهن؟
- ڪهڙا جانور ريڙهيون پائيندا آهن ۽ ڪهڙا جانور ٽپا ڏيندا آهن؟
- ڪهڙا جانور هوا ۾ اُڏامندا آهن ۽ ڪهڙا جانور پنهنجن پيرن تي هلندا ۽ ڊوڙندا آهن؟ وغيره.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Parrot | مٺو طوطو | Crow | ڪانءُ، ڪانگ | Guess | اندازو لڳائڻ |
| Mosquitoes | مڇر | Sparrow | جهرڪي | Match | ملائڻ |
| Long | ڊگهو | Hop | ٽپ ڏيڻ | Circle | گولڙو |
| Neck | ڪنڌ، ڳچي | Crawl | ريڙهيون پائڻ | Ask | پُڇڻ |
| Giraffe | ذراف | Tortoise | ڪمي | Ox | ڏڳو |
| Horns | سِڱ | Remember | ياد رکڻ | Goat | ٻڪري |
| Head | مٿو | Various | مختلف | Hair | وار |
| Leg | ٽنگ، ڄنگهہ | Longest | ڊگهو | Sheep | رڍ |
| Their | انهن جو | Imitate | ڪاپي، نقل ڪرڻ | Camel | اُٺ |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي اسڪول اندر يا اسڪول کان ٻاهر ڪنهن ميدان تي هڪ سرگرمي ڪرائيندو. استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو مِٽي گوهي ڪتاب ۾ ڏنل پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ هڪ جاندار جي شڪل ٺاهن. استاد اُن سرگرميءَ ۾ شاگردن جي مدد پڻ ڪري سگهي ٿو. جڏهن سمورا شاگرد پنهنجي پسند جي جانور کي گوهيل مٽيءَ مان ٺاهي وٺن تہ پوءِ انهن جانورن کي اُس تي سُڪائڻ لاءِ رکي ڇڏجي. اسڪول جي ٻئي ڏينهن تي استاد هر شاگرد کي چوندو تہ هو پنهنجي پسند جي جانور جو ٺاهيل رانديڪو کڻي اچن ۽ پوءِ اُن جانور جي خاصيتن، عادتن، کاڌي پيتي، گهمڻ ڦرڻ، رنگ روپ، وارن يا کَل متعلق اهم معلومات ڪلاس جي ٻين سمورن شاگردن سان ونڊين.

نوٽ: سنڌ اندر PPRS پراجيڪٽ جا اسڪول اهڙن علائقن ۾ موجود آهن. جتي کُليل ميدان آهن ۽ جتي استاد شاگردن کي آسانيءَ سان اهڙيون سرگرميون ڪرائي سگهي ٿو جن سان انهن جي گهڻ طرفي تربيت آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿي. انهن علائقن ۾ فصل ۽ وڻ موجود آهن. پکي ۽ جانور موجود آهن. درياءَ, واهه ۽ پاڻيءَ جون ڍنڍون موجود آهن ۽ اُتي ٻار آسانيءَ سان چيڪي مٽي ڳوهي مختلف شيون ٺاهي مختلف پراجيڪٽ ڪري سگهن ٿا.

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "**جانورن جا قسم**" 3+2 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "**جانورن جا قسم**" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | That is why we say that animals differ in shape, size and movement. |
| **L1** | انهي سبب جي ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته جانور شڪل, ماپ ۽ چُرپر جي حوالي سان مختلف ٿيندا آهن. |
| **L2** | That is why we say that animals differ in shape, size and movement. |

**لکڻ:**

- استاد"**جانورن جا قسم**" جي سبق مان ۾ ڏنل پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن. لکڻ دوران استاد شاگردن جي ڪاپين کي چيڪ پڻ ڪندو.

**جائزو:**

هِن سبق جو جائزو انتهائي مزيدار رهندو. استاد شاگردن کان مختلف جانورن جي چُرپر متعلق اشارا, هلڻ جو انداز ۽ آواز ڪيرائيندو ۽ پوءِ ٻين شاگردن کان انهن جا جواب معلوم ڪندو.

استاد شاگردن کان ڪتاب کولرائيندو ۽ پوءِ سرگرمي نمبر 2 ۾ ڏنل تصويرن تي ڳالهائيندي لڪيل سوال پُڇندو ۽ شاگردن کان صحيح جواب حاصل ڪندو.

**ورجاءَ جون سرگرميون:**

**سرگرمي نمبر 1:**

هِن سرگرميءَ ۾ ڪتاب اندر ڏنل تصويرن کي ڏسندي شاگرد صحيح جملي کي صحيح جانور سان ملائيندا. هيءَ سرگرمي ڪرڻ وقت استاد هر هڪ جملو پڙهندو ويندو ۽ هر جملي سان ايڪشن پڻ ڪري ڏيکاريندو. ائين ڪرڻ سان شاگردن کي ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي ويندي.

**سرگرمي نمبر 2:**

هِن سرگرميءَ ۾ موجود صحيح ۽ غلط وارا جملا استاد وڏن اکرن سان بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري هر جملو پهريون "سينڊوچ" طريقيڪار تحت ۽ پوءِ 3+2 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ هر جملي جي اختتام تي شاگردن کان اُن جملي جي صحيح يا غلط هجڻ بابت پُڇا ڪندو. جڏهن شاگرد صحيح جواب ڏين ته پوءِ استاد اُهو نشان بورڊ تي لکيل جملي جي آخر ۾ لڳائيندو. اُن کان علاوه جڏهن هيءَ سرگرمي پُڄاڻي تي پهچي ته استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجا ڪتاب کولين ۽ هر هڪ جملي آڏو صحيح يا غلط جي نشاني لڳائين.

**يونٽ جي پڄاڻي:**

هِن جڳهہ تي يونٽ ”**جاندار شيون (جانور)** “ جي پُڄاڻي ٿئي ٿي. تنهن ڪري استاد کي گهرجي تہ جيئن هو پهريان واري يونٽ جي پُڄاڻي ڪري چڪو آهي، اهڙي ئي طريقي سان هِن يونٽ جي بہ پُڄاڻي ڪندو. پُڄاڻي واري سرگرميءَ ۾ جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پُڄاڻي تي هڪ يا بہ ڏينهن ”**جاندار شيون (جانور)** “ جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري تہ ايئن ڪرڻ سان شاگردن جي همت افزائي ٿيندي.

# يونٽ 3

## جاندار شيون: ٻوٽا

| گهربل تدريسي مواد | مقصد |
|---|---|
| • ٻوٽن جا فليش ڪارڊز ۽ حقيقي ٻوٽو.<br>• مختلف قسم جي وڻن جي پنن جا فليش ڪارڊز ۽ حقيقي ٻوٽن جا پن ۽ گل. | هِن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ شاگردِاِن قابل ٿي ويندا جو هو:<br>• جاندار شين (ٻوٽن) ۾ فرق، قد بُت، واڌويجهه، رنگ ۽ گلن بابت سکندا.<br>• مختلف ٻوٽن جي پنن جي جوڙجڪ ۽ گل جي بناوت، رنگ، خوشبوکي سمجهي ۽ سُڃاڻي سگهندا. |

## عنوان : ٻوٽا

**برين اسٽارمنگ:**

استاد ڪلاس ۾ موجود ٻارن کي ٻوٽن متعلق هيءَ ڪهاڻي ٻڌائيندو:

**چندر ويو چاچا جي باغ ۾**



اونهاري جي هڪڙي شام جو چندر جيئن ئي منجهند جي ننڊ ڪري اُٿيو تہ اُن کي آسمان تي جُهڙ نظر آيو. موسم ڏاڍي خوشگوار ٿي وئي هئي ۽ ٿڌڙي هوا لڳڻ ڪري گرميءَ ۾ ڪافي گهٽتائي ٿي وئي هئي. چندر جي طبعيت ڏاڍي دوستاڻي هوندي هئي. جنهنڪري اوڙي پاڙي جا سمورا ٻار چندر جا گهِرا دوست هئا. چندر هٿ منهن ڌوئي، صاف ڪپڙا پائي هڪدم پنهنجن دوستن سان گڏ ڳوٺ جي پرپان هڪ باغ ۾ ويو. سمورا دوست رستي تي گهمندي ڦرندي، مستيون ۽ مذاق ڪندي باغ ۾ پهتا. باغ جو چوڪيدار چندر جو چاچو هو. چاچا چندر ۽ سندس دوستن کي باغ گهمڻ جي اجازت ڏني ۽ کين هدايت ڪندي چيائين تہ: " باغ مان ڪو بہ گل نہ توڙجو ڪو بہ ميوو نہ پٽجو ۽ نہ ئي ڪنهن وڻ يا ٻوٽي کي لتاڙي يا پٽي نقصان ڏجو. باقي توهان باغ جو چڪرڏئي اچو تہ پوءِ مان توهان کي قسم قسم جا ميوا کارايان ٿو ۽ پوءِ اوهانکي ٽيوب ويل پڻ هلائي ٿو ڏيان تہ جيئن توهان ٿڌي پاڻي سان وهنجي ڪري پاڻي ۾ وهنجڻ جو مزو بہ وٺو. "

چندر ۽ اُن جا دوست اِها ڳالهہ ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿي ويا. باغ ۾ هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ هئي ۽ ڪيترن ئي قسمن جا تمام گهٽا وڻ لڳل هئا. جن ۾ ڪيلي ۽ پپيتي جا وڻ، نم ۽ ٽالهيءَ جا وڻ ۽ انب ۽ ليمي جا وڻ پڻ هئا. اُن کان علاوه باغ ۾ گلاب جي گلن جا تمام گهٽا ٻوٽا لڳل هئا. جن جي ڪري سموري باغ ۾ تمام گهٽي خوشبو هئي. باغ جي وچ تي هڪ صاف پاڻي جو تلاءُ بہ هو جنهن ۾ نيل ڪنول جا گل تري رهيا هئا جيڪي ڏاڍا وڻندڙ ۽ خوبصورت هئا. اُن تلاءُ جي ڪناري تي ٿُوهر (ڪيڪٽس) جا ٻوٽا پڻ لڳل هئا جن جا ڪنڊا ٻاهر نڪتل هئا ۽ اهي بہ ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا هئا. چندر ۽ اُن جي دوستن سموري باغ جو خوب سير ڪيو ۽ انهن چاچا جو چوڻ ڪندي نہ ڪو گل توڙيو نہ ڪو ميوو پٽيو ۽ نہ ئي ڪنهن ٻوٽي يا وڻ کي ڪو نقصان پهچايو. جڏهن اُهي باغ گهمي واپس موٽي آيا تہ ٽيوب ويل هلي رهيو هو جنهن جو پاڻي باغ کي ملي رهيو هو. چندر ۽ سندس دوست ٻورنگ جي ٿڌي ٿڌي پاڻي ۾ وهنجي خوب مزو ورتو ۽ چاچا جي ڏنل ميون کي پڻ کاڌو جن ۾ انب، پپيتو، کارڪون ۽ ڪيلا شامل هئا. آخر ۾ انهن سيني چاچا جو شڪريو ادا

ڪيو ۽ چاچا انهن مان هر هڪ کي گلاب جو هڪ وڏو گل ڏنو. چندر ۽ اُن جا دوست ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پوءِ هو ڪِلنديِ ڪِلنديِ ۽ گلاب جي گل جي خوشبو سُگهندي واپس پنهنجي ڳوٺ پنهنجن گهرن ڏي موٽي آيا.

**نوٽ:** استاد ڪهاڻي ٻُڌائڻ کانپوءِ شاگردن کان ڪهاڻي متعلق مختلف سوال پڇندو.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Plants | ٻوٽا | Spreading | ڦهليل،ڪشادو | Rose | گلاب |
| Cactus | ٿوهر | Branch | ٽاري، شاخ | Neem | نم جو وڻ |
| Water lily | ڪنول،نيلوفر | Fruit | ميوو | Wide | ڪشادو ويڪرو |
| Papaya | پپيتو | Flower | گُل | Taller | ڊگهو قداور |
| Banana | ڪيلو | Needle | سُئي | Sharp | تيز ڌار وارو |

استاد شاگردن جا ٻه گروپ ٺاهيندو ۽ هڪ گروپ کي چوندو ته هو پنهنجي اسڪول، اُن جي آسپاس يا ڳوٺ اندر موجود ميويدار يا بغير ميوي جي وڻن کي ڏسي اچن ۽ انهن جي قدبُت، پنن جي بناوٽ، گلن ۽ ميون بابت ڪلاس جي ٻين شاگردن کي ٻُڌائين. جڏهن ته ٻئي گروپ کي چوندو ته هو اسڪول، پنهنجي گهر يا ڳوٺ اندر موجود گلن جي ٻوٽن کي ڏسي اچن ۽ پنهنجي ڪلاس جي سمورن دوستن کي ٻڌائين ته انهن ڪهڙا ڪهڙا گل ڏٺا ۽ انهن جي بناوٽ ڪهڙي آهي ۽ انهن جي خوشبو پڻ ڪهڙي قسم جي آهي.

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "جاندار شيون: ٻوٽا" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "جاندار شيون: ٻوٽا" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

| Example: | L2 | Plants are also different in colour, shape and size. |
|---|---|---|
| | L1 | ٻوٽا پڻ رنگ، شڪل ۽ ماپ ۾ هڪٻئي کان مختلف هوندا آهن. |
| | L2 | Plants are also different in colour, shape and size. |

**لکڻ:**

استاد "جاندار شيون: ٻوٽا" جي سبق ۾ ڏنل پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکين.

**جائزو:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 1 بورڊ تي ڪرائيندو ۽ شاگردن کي چوندو ته هو ڪتاب کولي رکن ۽ تصويرون ڏسي هر جملي جو صحيح جواب ڏين. استاد صحيح جواب ڏنل خال ۾ لکندو ويندو. پوءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو حل ڪيل سرگرمي پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## عنوان: پن

**برين اسٽارمنگ:**




استاد بورڊ تي لفظ "پن" لکندو ۽ ڪلاس ۾ موجود شاگردن کان ٻوٽن بابت مختلف ۽ دلچسپ سوال پُڇندو، جيئن:

- ڇا ڪيلي جي وڻ جو پن ننڍو ٿيندو آ؟
- اڇا ! ڀلا نم جي وڻ جو پن ڪيئن ٿيندو آ؟

- توهان پاڻي ۾ ترندڙ ڪنول جي گل جي ٻوٽي جو پن ڏٺو آ, اُهو ڪيئن ٿيندو آ؟
- توهان مان ڪنهن ڪنهن پپيتي جي وڻ جو پن ڏٺو آ؟ ۽ اُهو ڪيئن ٿيندو آ؟ وغيره.

**نوان لفظ:**

| Leaves | Round | Correct |
|---|---|---|
| پن، پتا | گول | صحيح |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**




- استاد شاگردن کي چوندو ته هو ڳوٺ منجهه موجود مختلف وڻن جا پن جمع ڪن ۽ انهن کي ڪنهن اخبار يا پاڻي وغيره تي ڪونر سان چنبڙائي انهن جو البم ٺاهين ۽ هر پن جي هيٺان اُن پن جي وڻ جو نالو رنگ ۽ پن جي شڪل بابت اهم نقطا لکن.
- استاد شاگردن جا مختلف گروپ ٺاهيندو ۽ پوءِ هر هڪ گروپ کي چوندو ته هو ڪنهن هڪ پاڻي، تختي يا زمين جي ڪنهن ٽڪري تي ڳوهيل مٽيءَ مان هڪ باغ ٺاهين ۽ پوءِ پنهنجي آسپاس موجود مختلف وڻن جون ٽاريون پٽي اُن ٺاهيل باغ جي چارديواري اندر مختلف جڳهن تي لڳائين ۽ ڪٿي ڪٿي گاهه يا ڇٻر پڻ لڳائين. اُن کان علاوه ننڍا ننڍا سلا ڪٿي انهن مان وڻ پڻ ٺاهي اُهي لڳائي ڇڏجن ته جيئن اِهو هڪ باغ جو ڏيک ڏئي. جڏهن سمورا گروپ هڪ باغ ٺاهي وٺن ته پوءِ هر هڪ گروپ اُن باغ بابت سموري ڪلاس آڏو پريزينٽيشن ڏيندو ۽ جنهن جو ٺاهيل باغ وڌيڪ خوبصورت هوندو اهو گروپ ڪٽي ويندو ۽ اهڙي طرح استاد تجزيو ڪندي هر گروپ جي ٺاهيل باغ جو تنقيدي جائزو وٺندي نه صرف سندن تعريف ڪندو بلڪ انهن جي ڪمزور پاسن جي پڻ اصلاح ڪندو.



**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "پن" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "پن" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻُڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | | |
|---|---|---|
| Example: | L2 | Different types of plants have different leaves. |
| | L1 | مختلف قسمن جي ٻوٽن کي مختلف قسمن جا پن هوندا آهن. |
| | L2 | Different types of plants have different leaves. |

**لکڻ:**

- استاد"پن" جي سبق مان ۾ ڏنل پن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لِکن. لکڻ دوران استاد شاگردن جي ڪاپين کي چيڪ پڻ ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪا غلطي وغيره نہ ڪري تہ اُن کي پڻ بهتر ڪندو.

**جائزو:**

**سرگرمي نمبر 2:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 2 ڪرائيندو ۽ بورڊ تي اُن سرگرمي بابت لکيل جملو وڏن اکرن سان لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي چوندو تہ هو ڪتاب کولين ۽ وڻ ۽ پنن کي ڏسي ڪري هر پن کي اُن جي وڻ سان ملائين.

**سرگرمي نمبر 3:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 3 ڪرائيندو ۽ ڪتاب ۾ ڏنل سمورا جملا بورڊ تي وڏن اکرن سان لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي چوندو تہ هو ڪتاب کولي رکن ۽ تصويرون ڏسي هر جملي جو صحيح جواب ڏين. استاد هر جملي جو صحيح جواب معلوم ڪري هر جملي جي پرسان ڏنل صحيح پن تي صحيح جو نشان لڳائيندو. آخر ۾ جڏهن سموري سرگرمي مڪمل ٿي ويندي تہ پوءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو حل ڪيل سرگرمي پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

## عنوان : گل

**برين اسٽارمنگ:**



استاد ڪوشش ڪندو تہ هو پاڻ مختلف گل جمع ڪري ڪلاس ۾ کڻي ايندو يا وري شاگردن کي چوندو تہ هو پنهنجي گهرن يا آسپاس موجود ماحول مان مختلف گل جمع ڪري کڻي اچن يا وري شاگردن کي مختلف گلن جون تصويرون ڏيکاريندو ۽ انهن گلن بابت ڪجهري ڪندي نہ صرف پاڻ پر شاگردن کان بہ انهن گلن جي خوشبو رنگ، ٻج، جسامت ۽ سائيز بابت سوال ڪندو. اُن کان علاوه معلومات جي حوالي سان استاد شاگردن سان انهن گلن جي مختلف استعمال بابت ضرورت مطابق وڏيڪ چاڻ پڻ ونڊي سگهي ٿو.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Beautiful | خوبصورت | Jasmine | چمبيلي |
| Found | ڳولهيو | White | اڇو |
| Many | الاهي سارا, گهڻا | Carefully | خيال,احتياط سان |
| Pink | گلابي | Choosing | چونڊ ڪرڻ |
| Yellow | هئڊڊ زردو ڦڪو | Bring | کڻي اچڻ, کڻي وڃڻ |
| Red | ڳاڙهو | Sample | نمونو |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**



استاد هِن سبق جي حوالي سان شاگردن کان ھيٺيون سرگرميون ڪرائي:

- استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو پنهنجي پسند جي ڪنهن بہ هڪ گل جي ڊرائنگ ٺاهين
- استاد شاگردن کي هدايت ڪري تہ هو پنهنجي گهر، ڳوٺ يا آس پاس موجود مختلف گلن کي جمع ڪن ۽ انهن کي اخبارن يا ڳتي تي چنبڙائي انهن جو البم تيار ڪن

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "گل" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "گل" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | Flowers found in many different colours, shapes and sizes. |
| | **L1** | گل مختلف شڪلين، رنگن ۽ ماپن جا ملندا آهن. |
| | **L2** | Flowers found in many different colours, shapes and sizes. |

**لکڻ:**

- استاد "گل" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لِکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.
- لکڻ کانپوءِ استاد بورڊ تي لکيل انهيءَ پيراگراف ۽ اُن جي معنيٰ کي 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو.

**جائزو:**

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو ڪتاب ۾ ڏنل سبق وارين سرگرمين کي مڪمل ڪن:

**سرگرمي نمبر 4:**

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو ڪتاب ۾ ڇاپيل گلن تي اُهي رنگ ڀرين جن جي لاءِ چيو ويو آهي. جيئن: گلاب کي گلابي ۽ سورج مکي کي هئڊو (ڦڪو) وغيره

**سرگرمي نمبر 5:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 5 ۾ ڏنل جملن کي وڏن اکرن سان بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هر گل جي حوالي سان ڏنل مختلف رنگن جي جوابن کي شاگردن جي مدد سان خالن ۾ لکندو ويندو. پر اُن کم لاءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو ڪتاب کولين ۽ رنگ ڪيل گلن کي ڏسندي هر خال ۾ اينڊڙ صحيح جواب لکن. سرگرميءَ جي مڪمل ٿيڻ تي استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو بورڊ تي لکيل صحيح جوابن کي پنهنجن ڪتابن ۾ لکن.

**سرگرمي نمبر 6:**

سرگرمي نمبر 6 ڪتاب ۾ ڏنل جملن آڏو ڏنل ٽن لفظن مان ڪنهن بہ هڪ صحيح جواب تي نشاني لڳائڻ واري آهي. انهيءَ سرگرميءَ کي بہ استاد سڀ کان پهرين بورڊ تي وڏن اکرن سان لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو پنهنجا ڪتاب کولين ۽ پاڻ هڪ هڪ ڪري جملو پڙهندو ويندو ۽ ضرورت مطابق اُن جملي جي معنيٰ پڻ سمجهائيندو ويندو ۽ پوءِ شاگردن کان صحيح لفظ معلوم ڪري اُن تي صحيح جي نشاني لڳائيندو.

**ورجاءَ جون سرگرميون:**

**سرگرمي نمبر 1:**

هِن سرگرميءَ ۾ ڪتاب اندر ڏنل تصويرن کي ڏسندي شاگرد هر پن آڏو ڏنل لڪير تي اُن پن جي وڻ جو نالو لکندا.

**سرگرمي نمبر 2:**

هِن سرگرميءَ ۾ موجود صحيح ۽ غلط وارا جملا استاد وڏن اکرن سان بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري هر جملو پڙهيان "سينڊوچ" طريقيڪار تحت ۽ پوءِ 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ هر جملي جي اختتام تي شاگردن کان اُن جملي جي صحيح يا غلط هجڻ بابت پُڇا ڪندو پوءِ استاد اُهو نشان بورڊ تي لکيل جملي جي آخر ۾ لڳائيندو. اُن کان پوءِاستاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو پنهنجا ڪتاب کولين ۽ هر هڪ جملي آڏو صحيح يا غلط جي نشاني لڳائين.

**يونٽ جي پڇاڙي:**

هن جڳهہ تي يونٽ "**جاندار شيون (ٻوٽا)**" جي پڇاڙي ٿئي ٿي. تنهن ڪري استاد کي گهرجي تہ هو يونٽ جي پڇاڙي وقت سموري يونٽ جو ورجاءُ ڪري جنهن سان شاگردن کي سموري يونٽ جي مختلف موضوعن جي ربط کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿيندي.

**نوٽ:**

جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پُڇاڙي تي هڪ يا ٻہ ڏينهن"**جاندار شيون (ٻوٽا)**" جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري ۽ يونٽ ۾ بيان ڪيل سمورن تصورن کي زباني ۽ عملي ڪم ڪندي شاگردن کي مصروفِ عمل رکي.

# يونٽ 4

## صحتمند زندگي

| مقصد | گهربل تدريسي مواد |
|---|---|
| هن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ شاگردِاِن قابل ٿي ويندا جو هو: <br>• جسمِ ءِ اُن جي مختلف حصن جا نالا چاڻي سگهندا ءِ پنهنجي ماحول سان گڏوگڏ انهن کي صاف ستڙو رکڻ جا فائدا سمجهي، انهن عادتن تي عمل ڪرڻ سکندا. | • جسم جي مختلف عضون ءِ صفائي متعلق فليش ڪارڊز. <br>• ڊسٽبن ٿهرائڻ لاءِ پاڻي يا ڪنهن ٻئي شيءِ جا ڊبا. <br>• ورزش ڪرائڻ لاءِ هڪ سيٽي. |

## عنوان : اسانجو جسم




### برين اسٽارمنگ:

استاد ڪلاس ۾ موجود شاگردن مان هڪ شاگرد کي پاڻ وٽ گهرائي سموري ڪلاس آڏو بيهاريندو ءِاها هدايت ڪندو ته هو پنهنجي جسم جي مختلف حصن جهڙوڪ: هٿ، پير، آگر، نڪ، مٿي جي وارن وغيره جا نالا انگريزي ۾ ٻڌائين ءِ انهن عضون جي ڪمن بابت پڻ ٻڌائين. اُن کانپوءِ استاد بورڊ تي ڪنهن ٻار جي تصوير لڳائيندو يا وري بورڊ تي ڪنهن ٻار جي تصوير ٺاهيندو ءِ اُن جي مختلف عضون تي ڳالهائيندي اُن جا نالا انگريزي ۾لکندو ويندو ءِ شاگردن کي اُهي نالا ياد ڪرائيندو.

### نوان لفظ:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Parts | حِصا | Hand | هٿ | Shake | ملائڻ، لوڏڻ |
| Head | مٿو | Arm | ٻانهن | Raise | مٿي ڪرڻ،ڪڍڻ |
| Hair | وار | Leg | ٽنگ | Squeeze | نپوڙڻ، نچوڙڻ |
| Ear | ڪن | Foot | پير | Funny | مزاحيه |
| Eye | اک | Direction | رُخ | Face | منهن، چهرو |
| Nose | نڪ | Touch | ڇُهڻ | Perform | انجام ڏيڻ، پورو ڪرڻ |
| Mouth | وات | Close | بند | Action | عمل ڪاروائي |
| Neck | ڪنڌ/ڳِچي | Our Body | اسان جو جسم | Copy | نقل، ڪاپي ڪرڻ |

### ڪلاس روم جون سرگرميون:



- استاد شاگردن کي گروپن ۾ ورهائيندو ءِ پوءِ ڪنهن گتي، پاڻي يا تختي تي شاگردن جي مدد ڪندي انساني جسم جي مختلف حصن جو ماڊل ٺاهيندو. اُن لاءِ هو مٽي، ڪپهه، ڪپڙو ڪاغذ يا مختلف شيون پڻ استعمال ڪري سگهي ٿو. جڏهن اهڙي قسم جو بورڊ تيار ٿي وڃي ته پوءِ استاد هر گروپ کي چوندو ته هو بورڊ تي اچي پريزنٽيشن ڏين.

- استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل <u>سرگرمي نمبر 1</u> ڪرائيندو. جنهن تحت استاد سرگرمي ۾ ڏنل 8 ئي جملن کي پاڻ پڙهندو ويندو ۽ جيڪڏهن انهن جملن کي سُر ۾ پڙهي تہ اِهو وڌيڪ بهتر رهندو. جيئن ئي ڪوجملو پورو ٿئي تہ پوءِ استاد اُن جملي مطابق جسم جي ان حصي ڏانهن اشارو ڪندو يا اهو ايڪشن ڪندو. هيءَ سرگرمي استاد پاڻ ڪيترا ئي دفعا دهرائيندو. جنهن ڪانپوءِ استاد صرف جملو چوندو ۽ پوءِ شاگرد اُهو ئي اشارو ڪندا، جيڪو ڪجهہ وقت اڳ استاد ڪيو پئي. اِها سرگرمي تيستائين جاري رهي جيستائين هر هڪ شاگرد کي اِها سرگرمي برزبان ياد نہ ٿي ٿئي.

**<u>پڙهڻ:</u>**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق <u>" اسانجو جسم "</u> 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق <u>" اسانجو جسم "</u> معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | Do you know the names of the different parts of the body? |
| **L1** | ڇا توهان جسم جي مختلف حصن جي نالن بابت ڄاڻو ٿا؟ |
| **L2** | Do you know the names of the different parts of the body? |

**<u>لکڻ:</u>**

- استاد <u>" اسانجو جسم "</u> جي سبق ۾ آيل نون لفظن کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هواِهي لفظ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن. لکڻ دوران استاد شاگردن جي ڪاپين کي چيڪ پڻ ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪا غلطي وغيره نڪري تہ اُن کي پڻ بهتر ڪندو
- لکڻ کانپوءِ استاد بورڊ تي لکيل لفظ اُن جي معنيٰ کي 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو.

**<u>جائزو:</u>**

استاد بورڊ تي ڪجهہ نا مڪمل / اڌ جملا جملا لکندو ۽ پوءِ شاگردن آڏو اُهي جملا پڙهندو ويندو ۽ پوءِ کين چوندو تہ هو انهن جملن کي مڪمل ڪن ۽ پوءِ پنهنجين ڪاپين ۾ لکن، مثال طور:

1. I work with my ……………. (Hands / Nose)
2. I breathe with my …………. (Nose / Mouth)
3. I eat with my ……………… (Eyes / Mouth)
4. I walk with my ……………. (Hands / Legs)
5. I hear with my …………….. (Eyes / Ears)
6. I have hair on my ……………. ( Head / Neck)
7. I see with my ……………… (Foot / Eyes)
8. I kick with my …………….. (Hand / Foot)



# عنوان : صفائي

**برين استارمنگ:**

استاد ڪلاس ۾ شاگردن کي دائري ۾ ويهاري هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

## سورٺ ۽ سومل





سورٺ ۽ سُومل ٻئي پاڻ ۾ ڏاڍيون سُٺيون سهيليون هيون. ٻئي هڪڙي ئي ڳوٺ ۾ رهنديون هيون ۽ هڪڙي ئي اسڪول ۾ پڙهنديون هيون. اسڪول کانپوءِ هو ٻئي هڪٻئي سان گهڻو وقت گڏ گذاريندیون هيون ۽ پاڻ ۾ گڏجي کوڙ ساريون رانديون کيڏنديون هيون. سورٺ هميشہ سُومل کي چوندي هئي تہ: تون پنهنجو خيال نہ ٿي رکين ۽ پنهنجي صفائي نہ ٿي ڪرين. هي ڏس تنهنجي هٿن جا ننهن ڪيڏا نہ وڏا ٿي ويا آهن انهن کي ڪٽين بہ ڪو نہ ٿي. ياد اٿئي تہ اسڪول ۾ مِس چا چيو هو تہ جيڪڏهن اسان پنهنجا ننهن نہ ٿا ڪٽيون تہ پوءِ انهن ۾ ڪوڙ ساري مِٽي هلي ويندي آهي ، جنهن ۾ ڪوڙ سارا ننڍا ننڍا جيوڙا هوندا آهن ۽ پوءِ جڏهن اسان ماني کائيندا آهيون تہ پوءِ اُهي جيوڙا وات ذريعي اسانجي پيٽ ۾ هليا ويندا آهن ۽ پوءِ اسان بيمار ٿي پوندا آهيون. تون هميشہ پنهنجي مٽي کي ڪنهندي رهندي آهين چو تہ تنهنجي مٽي ۾ جوئون پئجي ويون آهن. هي ڏس مٽي جي ڪري ۽ صحيح طرح صفائي نہ ڪرڻ جي ڪري تنهنجي پيرن جون ڪلون بہ ڦاٽي پيون آهن. سورٺ سُومل کي چيو تہ امان بہ صحيح چوندي آهي تہ تون پنهنجو خيال ۽ پنهنجي صفائي نہ ٿي رکين. تنهنجا ڏند بہ ڪيڏا نہ هيدا ٿي ويا آهن جنهن جي ڪري تنهنجي وات مان بہ بدبوءِ پئي اچي." سُومل سورٺ جون ڳالهيون ٻڌي وڏا ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي ۽ پوءِ سورٺ کي چيائين تہ: " اڙي چري ڪجهہ ناهي ٿيندو. ۽ مان ڏينهن ۾ هڪ دفعو هٿ منهن ڌوئيندي آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن وهنجندي بہ آهيان تہ پوءِ چا مان صفائي ناهيان ڪندي. هاڻ ڇڏ انهن ڳالهين کي هل تہ هلي راند ڪيڏون. " ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ سُومل جي طبعيت گهڻي خراب ٿي پئي ۽ سُومل جو بابا کيس شهر ڏي اسپتال وٺي ويو. سُومل کي گهر ۾ ويٺي ويٺي ڏاڍو پيٽ ۾ سُور پيو ۽ پوءِ هوءَ ڏاڍو روئڻ لڳي. جڏهن سُومل شهر مان علاج ڪرائي واپس آئي تہ اُن پنهنجي پياري دوست سورٺ کي چيو: "سورٺ تو بلڪل صحيح پئي چيو ڊاڪٽر چاچا ٻڌايو تہ صفائي نہ رکڻ ڪري ۽ گندن هٿن سان کاڌو کائڻ جي ڪري منهنجي پيٽ ۾ ڪيڙا پيدا ٿي پيا هئا پر هاڻ مان چاچا ڊاڪٽر جي علاج سان بلڪل ٺيڪ آهيان ۽ مان چاچا ڊاڪٽر سان بہ واعدو ڪيو تہ آئنده مان روز پنهنجو پاڻ کي صاف ستڙو رکندم ۽ ان لاءِ مان روز وهنجدس، اسڪول مان اچڻ کانپوءِ ڪپڙا بدلائي هٿ منهن ڌوئيندس، پوءِ شام جو راند کيڏڻ کانپوءِ بہ هٿ منهن ڌوئيندس، ماني کائڻ کان اڳ ۽ ماني کائڻ کانپوءِ بہ چڱي طرح پنهنجا ٻئي هٿ صابڻ سان ڌوئيندس، صبح جو اٿڻ وقت ۽ رات جو سُمهڻ کان اڳ بُرش/ڏندڻ ڪري سُمهندس ۽ باقائدگيءَ سان پنهنجا ننهن ڪٽيندس." سورٺ سُومل جون ڳالهيون ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿي ۽ پوءِ ٻئي سهيليون گڏجي راند کيڏڻ لڳيون ۽ پوءِ جڏهن سُومل باقائده پنهنجي صفائي رکڻ شروع ڪئي تہ پوءِ اُها ٻيهر ڪڏهن بہ بيمار ڪو نہ ٿي.

ڪهاڻي ٻڌائڻ کانپوءِ استاد شاگردن کان هيٺيان سوال پڇندو:

- سورٺ کي سُومل تي هميشہ ڪهڙو اعتراض هوندو هو؟
- سورٺ جي سمجهائڻ تي سُومل کيس وڏا ٺهڪ ڏيندي چا جواب ڏنو؟

- سُومل چو بيمار ٿي پئي ۽ سُومل کي پيٽ ۾ سُور چو پيو؟
- سُومل جڏهن اسپتال مان علاج ڪرائي واپس آئي ته پوءِ هُن سورٺ کي ڇا ٻڌايو؟
- سُومل، چاچا ڊاڪٽر سان ڪهڙو واعدو ڪيو؟
- جڏهن سُومل پنهجو خيال رکڻ شروع ڪيو ته ڇا پوءِ سُومل ڪڏهن بيهر بيمار ٿي؟

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Must | ضرور | Germs | جيوڙا | Untidy | ميرو گدلو |
| Keep | رکڻ | Enter | داخل ٿيڻ | Regularly | باقاعدگيءَ سان |
| Ourselves | اسان پاڻ | Stomach | معدو | Cleanliness | صفائي سُٿرائي |
| Clean | صاف | Neat | صاف | Wear | پائڻ |
| Nails | ننهن | Tidy | صاف سٿرو | Comb | ڦڻي |
| Cut | ڪٽَڻ | Clothes | ڪپڙا | Eat | کائڻ |
| Carry | کڻڻ | Teeth | ڏند | Properly | مناسب |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**








- استاد ٻارن کي هدايت ڪندو ته هو ڪلاس ۾ ڪنهن هڪ ڪارنر کي اهڙين شين سان سينگارين، جيڪي اسانکي صاف رهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. مثال طور: ڦڻي، تيل، صابڻ، ڏندڻ، بُرش، پيسٽ وغيره ۽ پوءِ پني جي چٽڪين تي انهن شين جا نالا انگريزي ۾ لکي انهن تي چنبڙايو ۽ ٻڌايو ته اِهي شيون ڪيئن اسانکي صاف رکڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. جڏهن شاگرد اهڙين شين جي باري ۾ ٻڌائين ته انهن شين جا نالا انگريزي ۾ وٺن، جنهن شاگرد سنڌي ۾ نالو ورتو ته اُهو شاگرد آئوٽ ٿي ويندو.
- استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ موجود سرگرمي نمبر 2 ڪرائيندو ۽ پاڻ سرگرمي نمبر 2 ۾ موجود هدايتن کي غور سان پڙهي شاگردن کي سمجهائيندو ته ڪتاب ۾ ڏنل تصويرون ڏسو ۽ پوءِ جنهن تصوير لاءِ جهڙي قسم جو رنگين دائرو پائڻ لاءِ چيو ويو آهي اُن کي اُهو دائرو پايو جيئن: جيڪو ٻار صاف سٿرو آهي، اُن کي نيري رنگ جو گول دائرو پايو. جن ٻارن جا ڏند صاف ناهن، وارن کي ڦڻي ناهي ڏنل ۽ انهن جا ڪپڙا گندا آهن، انهن جي چئوگرد ڳاڙهي رنگ جو دائرو پايو.

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق"صفائي" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. استاد ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "صفائي" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | We must keep ourselves clean. Allah loves cleanliness. |
| **L1** | اسانکي پنهنجي صفائي ضرور رکڻ گهرجي. الله سائين صفائي سترائي پسند ڪندو آهي. |
| **L2** | We must keep ourselves clean. Allah loves cleanliness. |

**لکڻ:**

- استاد "صفائي" جي سبق مان ڪُجهه ڏنل پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

- استاد بورڊ تي ڪجهه نا مڪمل /اڌوراجملا لکندو ۽ شاگردن کي چوندو ته هاڻ اسان هر جملي کي ان جي صحيح اڌ جملي سان ملائينداسين ۽ پوءِ استاد ڪالم A واري اڌ جملي کي پڙهندو ۽ پوءِ ڪالم B واراجملا پڙهندو ۽ پوءِ شاگردن کان پُڇندو ته هاڻ ٻڌايو ته صحيح جملو ڪهڙو آهي؟ جڏهن شاگرد صحيح جواب ڏين ته پوءِ لائين پائي ٻنهي جملن کي پاڻ سان ملائبو. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

| Column A | Column B |
|---|---|
| We should | your hair daily. |
| We should brush | and covered food. |
| Combed and oiled | our teeth twice time in a day. |
| We should eat clean | cut our nails daily. |

## عنوان : هڪ صاف سٿرو ڪلاس روم

**برين اسٽارمنگ:**

استاد شاگردن کي اچا پنا ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو ته اج اوهان پنهنجي ڪلاس کي مارڪون ڏيندئو ۽ اوهان کي پنهنجي ڪلاس جي ترتيب ۽ صفائيءَ جي حوالي سان 10 مارڪون ڏيڻيون آهن. مارڪون ڏيڻ وقت اوهان پنهنجون ڏنل مارڪون پين دوستن کان لڪائيندئو ۽ ڪنهن کي ڪجهه به نه ٻڌائيندئو ته اوهان ڪلاس جي ترتيب ۽ صفائي وغيره کي ڏسي ڪهڙي شيءِ کي ڪيترين مارڪون ڏنيون آهن. جڏهن شاگرد ڪلاس کي مارڪون ڏئي وٺن ته پوءِ هر هڪ شاگرد کي ڪلاس جي آڏو گهرائي ڏنل مارڪن بابت پڇندئو. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد وڌيڪ مارڪون ڏنيون آهن ته اُن کان وڌيڪ ڏنل مارڪن بابت پڇيو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن شاگرد گهٽ مارڪون ڏنيون آهن ته اُن کان پڇيو ويندو ته اُن ڪهڙي ڳالهه جي ڪري پنهنجي ڪلاس کي گهٽ مارڪون ڏنيون آهن. جڏهن اِها سرگرمي ختم ٿي ويندي ته پوءِ استاد مختلف سوالن ذريعي بحث مباحثو ڪرائيندو جنهن ۾ شاگردن کان هيٺيان سوال پڇندو:

- ڇا صفائي ڪرڻ اسان سڀني جي ذميداري آهي؟
- ڇا اسانکي صفائي صرف پنهنجي جسم جي رکڻ گهرجي؟
- ڇا اسانکي صفائي صرف پنهنجي ڪلاس جي ڪمري جي رکڻ گهرجي؟
- پنهنجي گهر کي صاف سٿرو رکڻ ڪنهن جو فرض آهي؟
- اها ذميداري ڪنهن جي آهي ته هو پنهنجي اسڪول کي صاف رکن؟
- اها ذميداري ڪنهن جي آهي ته هو پنهنجي ڳوٺ، پاڙي يا شهر کي صاف رکن؟

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Garbage | ڪچرو | Dustbin | ڪچري جو دٻو |
| Toffee Wrapper | ڪٽمنڙي يا ٽافي جو پنو | Empty | خالي |
| Piece | ٽڪر | Cardboard | گتي جو بورڊ |
| Paper | پنو | Box | دٻو |
| Pencil Shaving | پينسل جا ڇلڙ | Decorate | سجائڻ |
| Floor | زمين | Next | اڳيون،ٻيو |
| Pick | ڪٽڻ | Use | استعمال |
| Throw | اڇلائڻ | Messy | خراب گندو |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي هيٺ ڏنل جملا ياد ڪرائيندو ۽ انهن جملن جو ڪلاس جي ڪمري ۽ اسڪول ۾ باقاعده استعمال ڪندو. ايئن ڪرڻ سان شاگردن کي نہ صرف انگريزي جا ننڍا ننڍا جملا ياد ٿيندا پرانگريزي جي انهن جملن جي باقاعده استعمال سان سندن انگريزي ڳالهائڻ ۾ رواني پيدا ٿيندي ۽ انهن ۾ انگريزي ڳالهائڻ جي خود اعتمادي پڻ پيدا ٿيندي ڪجهہ جملا هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Please throw the trash in dustbin. | Good students didn't spread garbage anywhere. |
| The usage of dustbin is good. | We should not spread wrappers on the floor. |
| We should clean our homes. | We should keep clean our class and school. |
| Cleanliness is good habit. | We must keep ourself neat and tidy. |
| Keep your bag, books and copies neat and clean. | |




- استاد شاگردن کي هي ننڍڙو نظم سُر سان ٻڌائيندو ۽ اِها سرگرمي ڪري ڏيکاريندو:
- استاد شاگردن سان ملي ڪري ڪلاس جي ڪمري کي صاف ڪندو ۽ ڪلاس ۾ موجود مختلف شين جي لاءِ ڪارنر ٺاهيندو جيئن: ڪتابن رکڻ جو ڪارنر، ڪلاس جي رڪارڊ رکڻ جو ڪارنر، ڪلاس جون سرگرميون ڪرڻ جو ڪارنر وغيره وغيره. استاد ٻارن جي صلاح سان اهو ڪم ڪندو ۽ پوءِ هر ڪارنر کي هڪ ٽيگ لڳائي، اُن ڪارنر کي نالو ڏئي ڇڏيندو.
- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 3 ڪرائيندو ۽ ان مطابق ڪلاس ۾ جيڪڏهن ڪا گندگي آهي يا گند پيل آهي تہ پوءِ اُن کي ڪٺائي ڊسٽبن ۾ ڦٽو ڪرائيندو. اهڙي سرگرمي استاد ڪلاس ۾ رسيس وقت ۽ موڪل ۾ وڃڻ وقت ضرور ڪرائيندو
- استاد سرگرمي نمبر 4 ڪرائيندو ۽ شاگردن کي چوندو تہ هو تين جي ڊبن کي استعمال ڪندي پاڻ هڪ ڊسٽبن ٺاهين.

- استاد سرگرمي نمبر 5 ڪرائيندو ۽ شاگردن کان ڪتاب ۾ ڏنل خالي جڳهه تي به ڪلاس جا ڪمرا ٺهرائيندو. هڪ ڪمرو صاف سٿرو جتي هر شيءِ پنهنجي جڳهه تي پيل هجي ۽ ٻيو ڪمرو گندو جتي ڪا به شيءِ ترتيب ۾ نه هجي ۽ پوءِ انهن ٻنهي ڪمرن جي فرق تي ڪلاس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو

**پڙهڻ:**

- استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق"**هڪ صاف سٿرو ڪلاس روم**" 3+2 واري طريقي سان پڙهائيندو. ان کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد سينڊوچ طريقيڪار تحت پهرين پاڙ سبق " **هڪ صاف سٿرو ڪلاس روم** " معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | Our homes, schools and classrooms should also be neat and tidy. |
| **L1** | اسان جا گهر, اسڪول ۽ ڪلاس جا ڪمرا پڻ صاف سٿرا هجڻ گهرجن. |
| L2 | Our homes, schools and classrooms should also be neat and tidy. |

**لکڻ:**

- استاد" **هڪ صاف سٿرو ڪلاس روم** "جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائنن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اُهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن. لکڻ دوران استاد شاگردن جي ڪاپين کي چيڪ پڻ ڪندو ۽ جيڪڏهن ڪا غلطي وغيره نڪري ته اُن کي پڻ بهتر ڪندو.
- لکڻ کانپوءِ استاد بورڊ تي لکيل انهيءَ پيراگراف ۽ اُن جي معنيٰ کي 3+2 واري طريقي تحت پڙهندو.

**جائزو:**

استاد هيٺ ڏنل ڪجهه جملا پني جي پرچين تي لکندو ۽ انهن کي هڪ دٻي ۾ وجهندو. اُن کانپوءِ استاد شاگرد کي گهرائي. اُن دٻي مان هڪ پرچي ڪڍي اُن تي لکيل جملو پڙهڻ لاءِ چوندو جيڪڏهن شاگرد جملو نه پڙهي سگهي ته پوءِ استاد ڪيس ان جملي پڙهڻ ۾ مدد ڪندو ۽ اُن جملي جي معنيٰ سمورن شاگردن کي ٻڌائيندو. اُن کانپوءِ استاد اُن ئي شاگرد کان پُڇندو ته اهو جملو صحيح آهي يا غلط.

| | |
|---|---|
| • Cleanliness is a useless activity.<br>• Cleanliness is a good habit. | • We should clean our homes.<br>• We should take bath daily. |
| • We should not care about the dust and garbage in our classroom. | |

## عنوان: ورزش/ ڪسرت

**برين اسٽارمنگ:**

استاد سڀ کان پهرين بورڊ تي لفظ "ورزش/ڪسرت"لکندو ۽ پوءِ سبق کي مدِنظر رکندي شاگردن کان" ورزش/ڪسرت" سان لاڳاپيل مختلف سوال پُڇندو جيئن:




- صحتمند رهڻ لاءِ ڪهڙين ڳالهين جي ضرورت آهي؟
- ورزش ڇو ضروري آهي ۽ ان جا ڪيترا قسم آهن؟
- اسان ورزش ڪيئن ڪندا آهيون ۽ اُن جا ڪهڙا فائدا آهن؟

وغيره.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Exercise | ذهني يا جسماني ورزش | Form | شڪل، صورت |
| Protect | تحفظ ڪرڻ،بچائڻ | Sit down | هيٺ ويهڻ |
| Disease | بيماري | Stand up | مٿي اُٿڻ |
| Walking | پنڌ ڪرڻ | Label | نشان جي پرچي، ليبل |
| Playing | کيڏڻ | Like | پسند |
| Breathing | ساهه کڻڻ | Help | مدد |
| Deeply | اونهو گهرو | Prevent | تحفظ، بچاءُ |
| Best | بهترين | Instead | جي جڳهه تي، بدران |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**



- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 6 ڪرائيندي شاگردن کي اُٿي بيهڻ لاءِ چوندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته هو نڪ منجهان وڏا وڏا ساهه کڻن ۽ پوءِ نڪ منجهان ئي وڏي ساهه کي ٻاهر ڪڍن. استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو ساهه اهڙي طرح کڻن جو آڪسيجن انهن جي ڦڦڙن ۾ پرجي وڃي ۽ اُهي ڦوڪجي پون.



- اهڙي طرح استاد ڪلاس ۾ ورزش جون ٻيون ڪوڙ ساريون سرگرميون ڪرائي، جيئن: ڀڄڻ، ٽپا ڪائڻ، ٻانهن، ڄنگهن ۽ پيٽ وغيره جي ورزش. جيڪڏهن اسڪول ۾ روز صبح جو 15 کان 20 منٽ ورزش جو پيرڊ رکجي ته اهو وڌيڪ بهتر آهي.

**نوٽ:** استاد شاگردن کي پڻ اهڙيون سرگرميون ڪرائيندو جن ۾ ورزش جو استعمال گهٽي کان گهٽو ٿئي ٿو. جيئن: رسي ٽپڻ، انڊڪ منڊڪ، ڪوڏي ڪوڏي، ڊوڙ وغيره.



**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي استادشاگردن کي سبق"ورزش/**ڪسرت**" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي"سينڊوچ"طريقيڪار تحت پهرين پاٺ سبق"ورزش/**ڪسرت**" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | Exercise is good for us and protects us from diseases. |
| **L1** | ورزش/ڪسرت اسانجي لاءِ سٺي آهي ۽ اسان کي بيمارين کان بچائي ٿي. |
| **L2** | Exercise is good for us and protects us from diseases. |

**لکڻ:**

استاد " ورزش/**ڪسرت**" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائنن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن. لکڻ کانپوءِ استاد بورڊ تي لکيل انهيءَ پيراگراف ۽ اُن جي معنيٰ کي 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو.

**جائزو:**

استاد هيٺ ڏنل ڪجهہ جملا پنهنجي پرچين تي لکندو ۽ انهن کي ڪلاس ۾ مختلف جڳهن تي لڪائي ڇڏيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو تہ سمورا شاگرد پرچيون ڳولهن پر اُن ڳالهہ جو خيال هجي تہ هڪ شاگرد کي هڪ پرچي ڳولهڻي آهي. جڏهن شاگرد پرچيون ڳولهي وٺندا تہ پوءِ استاد شاگردن کان پڇندو تہ اِهو جملو صحيح آهي يا غلط.؟ اهڙا ڪجهہ جملا هيٺ ڏجن ٿا:

- We should not wory about exercise.
- Exercise is good for health.
- We should do exercise on daily basis.
- Exercise makes us lazy and weak.
- Games are for the jobless people.

**ورجاءَ جون سرگرميون:**

**سرگرمي نمبر 1:**

استاد ڪلاس جي ڪمري ۾ هڪ چارٽ تي هڪ ڇوڪري جي تصوير ٺاهي هڻندو جيئن ڪتاب ۾ ڏيکاريل آهي ۽ پوءِ جسم جي مختلف حصن جي نالن جا فليش ڪارڊ ٺاهي، ان جي پرسان رکندو ۽ پوءِ واري وٽي سان هڪ هڪ شاگرد کي گهرائيندو ۽ پوءِ استاد جسم جي ڪنهن هڪ حصي جو نالو وٺندو ۽ شاگرد کي چوندو تہ هو اُن نالي جو فليش ڪارڊ کڻي جسم جي اُن حصي تي لڳائي، جنهن جو نالو استاد کنيو آهي. اهڙي طرح اِها سرگرمي واري واري سان ڪلاس ۾ موجود هر هڪ شاگرد سان دهرائي ويندي. جيڪڏهن استاد ڪنهن چارٽ جو بندوبست نہ ٿو ڪري سگهي تہ پوءِ هو ڇوڪري جي اهڙي تصوير بورڊ تي پڻ ٺاهي سگهي ٿو ۽ شاگردن کي چاڪ هٿ ۾ ڏئي کين چئي تہ هو جسم جي چيل اُن حصي پرسان تير جو نشان لڳائي، اُن جو نالو لکي.

**سرگرمي نمبر 2:**

هن سرگرميءَ تحت استاد ڏنل خالن وارا جملا وڏن اکرن سان بورڊ تي لکندو ۽ اُن سان گڏ هڪ پاسي کان خالن ۾ ايندڙ سمورا لفظ پڻ لکندو ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري هر جملو پهريان پاڻ "سيندبوچ" طريقيڪار تحت ۽ پوءِ 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ هر جملي جي اختتام تي شاگردن کان ان جملي جي خال ۾ ايندڙ لفظ بابت پڇا ڪندو. جڏهن شاگرد صحيح جواب ڏين تہ پوءِ استاد اهو لفظ خال واري جڳهہ تي لکندو. اُن کان علاوه جڏهن هيءَ سرگرمي پُڄاڻي تي پهچي تہ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو پنهنجا ڪتاب کولين ۽ هر هڪ خال ۾ صحيح لفظ وجهي اُن جملي کي مڪمل ڪن.

**يونٽ جي پڄاڻي:**

هن جڳهہ تي يونٽ "صحتمند زندگي" جي پڄاڻي ٿئي ٿي. تنهن ڪري استاد کي گهرجي تہ هو يونٽ جي پڄاڻي وقت سموري يونٽ جو ورجاءُ ڪري، جنهن سان شاگردن کي سموري يونٽ جي مختلف موضوعن جي ربط کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿيندي ۽ هو يونٽ جي هڪٻئي سان جُڙيل مختلف موضوعن تي دسترس حاصل ڪرڻ جي قابل ٿيندا.

**نوٽ:**

جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پڄاڻي تي هڪ يا ٻہ ڏينهن "صحتمند زندگي"جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري ۽ يونٽ ۾ بيان ڪيل سمورن تصورن کي زباني ۽ عملي ڪم ڪندي شاگردن کي مصروفِ عمل رکي تہ ايئن ڪرڻ سان شاگردن کي اُن يونٽ ۾ موجود سمورن تصورن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي.

# يونٽ 5

## مادو

| گهربل تدريسي مواد | مقصد |
| --- | --- |
| جڳ، گلاس، خالي پاڻي جي پلاسٽڪ واري بوتل، ڦوڪڻا ۽ اچا پنا. | **هِن يونٽ پڑهڻ کانپوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا جو هو:** <br>• مادي جي بنيادي وصف ۽ اسان جي هر طرف اُن جي موجودگي ۽ ان جي ٽنهي حالتن بابت سکندا. <br>• مادي ۽ مادي جي بنيادي حالتن بابت چارٽ ٺاهڻ سان گڏ اسانجي آسپاس موجود سمورين شين جي وزن، هيئت ۽ حجم جي حساب سان هلڪو يا ڳرو هئڻ بابت سمجهندا |

## عنوان : مادو

**برين اسٽارمنگ:**




استاد بورڊ تي وڏن اکرن سان هڪ ڪڪر ٺاهيندو ۽ ان ۾ لفظ "مادو" لکندو ان کانپوءِ استاد ڪلاس ۾ موجود شاگردن کي چوندو ته هو ڪلاس ۾ پنهنجي آسپاس موجود شين کي غور سان ڏسن ۽ پوءِ اهو ٻڌائين ته:

- اِهي شيون ڪنهن مان ٺهيل آهن؟
- انهن شين کي هٿ ۾ کڻي ٻڌايو ته اها شيءِ هلڪي آهي يا ڳري؟
- ڳرائن يا ڪاٺي سان ان شيءِ جي ماپ ڪريو ۽ اهو پڻ ٻڌايو ته اها شيءِ ڪيتري جڳهه والاري ٿي؟
- ڇا انهن شين کي ڪا شڪل به آهي، جي آهي ته پوءِ اهو ٻڌايو ته اِن شيءِ جي شڪل ڪهڙي آهي؟

اُن کانپوءِ استاد شاگردن کي سمجهائيندو ته اهي سموريون شيون ۽ اُن کان علاوه اسانجي ڪلاس جي ڪمري، اسڪول، ڳوٺ بلڪ پوري دنيا ۽ ڪائنات جون سموريون شيون "**مادي**" مان ٺهيل آهن. ان کانپوءِ استاد شاگردن کي مادي جون بنيادي خاصيتون ٻڌائيندو:

- جيڪا شيءِ جڳهه والاري ۽ وزن رکي ان کي مادو چئبو آهي
- مادي جون ٽي حالتون ٿينديون آهن: سخت/نهرو پاڻياٺ ۽ گئس.
- ٽنهي ڪري هِن دنيا ۾ اسان جيڪا به شيءِ ڏسون ٿا يا محسوس ڪيون ٿا اها مادو آهي.

**نوان لفظ:**

| | | | |
| --- | --- | --- | --- |
| Matter | مادو | Space | خالي جڳهه، خلا |
| Everything | هر شيءِ | Weight | وزن |
| Occupies | والاري ٿو | | |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجا ڪتاب کولين ۽ پوءِ ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 1 واري جڳهه تي ڪن ٻه چئن مختلف شين کي ٺاهين.

**پڑهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق ” **مادو** “ 2+3 واري طريقي سان پڑهائيندو جنهن تحت استاد سبق جي چونڊ ٽڪري يا پيراگراف کي ننڍن ننڍن حصن ۾ ورهائي پهريان پاڻ تي دفعا پڑهندو ۽ پوءِ ٻه دفعا شاگردن کي پاڻ سان گڏ پڑهڻ لاءِ چوندو. اهڙي طرح استاد ٿورو ٿورو ڪري سمورو سبق شاگردن کي آسان طريقي سان پڑهائيندو. استاد ”سينڊوچ“ طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق ” **مادو** “ معنيٰ سميت شاگردن کي پڑهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | Everything that occupies space and has weight is called matter. |
| | **L1** | هر اها شيءِ جيڪا جڳهه والاري ۽ وزن رکي ان کي مادو چئبو آهي. |
| | **L2** | Everything that occupies space and has weight is called matter. |

**لکڻ:**

استاد ” **مادو** “ جي سبق مان ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته اوهان سڀ ڪلاس مان ٻاهر وڃو ۽ هر هڪ شاگرد کي ٻه ٻه شيون پاڻ سان گڏ کڻي اچي ، جيڪي مادي جي مختلف حالتن جون نمونا هجن. جڏهن شاگرد مختلف شيون کڻي اچن ۽ انهن شين جي بناوت, قدبُت, وزن ۽ شڪل بابت سموري ڪلاس آڏو واضح ڪن ته انهن ۾ مادي واريون ڪهڙيون خاصيتون آهن. تي سگهي ٿو ته شروعات ۾ شاگردن کي مادي جو تصور صحيح طرح سمجهه ۾ نه اچي تنهن ڪري استاد وقت سان گڏ يا ضرورت مطابق مادي جي سموري تصور کي بار بار سمجهائيندو.

## **عنوان : سخت يا نهرو**

**برين اسٽارمنگ:**




استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو ڪلاس ۾ پنهنجي آسپاس موجود شين کي غور سان ڏسو ۽ پوءِ اهو ٻڌايو ته انهن مان ڪهڙيون شيون سخت آهن؟ جڏهن شاگرد سخت شين بابت ٻڌائي وٺن ته پوءِ استاد بورڊ تي وڏن اکرن سان هڪ ڪڪر ٺاهيندو ۽ ان ۾ لفظ ” **سخت/نهرو** “ لکندو اُن کانپوءِ استاد اُن ڪڪر جي چوگرد انهن سمورين شين جا نالا لکندو جيڪي ڪجهه دير اڳ شاگردن کان ورتا.اُن کانپوءِ استاد شاگردن کي سخت شيءِ جي بنيادي خاصيت ٻڌائيندو:






- جنهن به شيءِ کي ڪا شڪل هجي اُن کي سخت شيءِ چئبو آهي.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| States | حالتون | Gas | هوا |
| Solid | ٺوس, نهرو | Anything | ڪا به شيءِ |
| Liquid | پاڻياٺ | Definite | واضح, پڪو |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو پنھنجا ڪتاب کولين ۽ پوءِ ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 2 واري جڳھ تي ڪلاس جي ڪمري ۾ موجود ڪن بہ ٻن سخت شين جون تصويرون ڳولين.
- استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو پنھنجي گھر مان گوهيل مٽيءَ مان ڪي بہ ٻہ سخت شيون ٺاهي اچن. جڏهن شاگرد اهڙيون سخت شيون ٺاهي اچن تہ پوءِ استاد هر هڪ شاگرد کي ڪٽي آيل شيءِ ڏيکارڻ ۽ پريزنٽيشن ڏيڻ لاءِ چوندو.

**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق "سخت/نهرو" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "سخت يا نهرو" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | Anything which has definite shape is called a solid. |
| **L1** | ڪائي بہ اهڙي شيءِ جنهن کي هڪ شڪل هجي ان کي سخت يا نهرو چئبو آهي. |
| **L2** | Anything which has definite shape is called a solid. |

**لکڻ:**

استاد "سخت يا نهرو" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اِهو پيراگراف پنھنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد شاگردن جا چار گروپ ٺهرائيندو ۽ هر گروپ کي هدايت ڪندو تہ پنھنجي مرضي سان ڪي بہ ٻہ سخت شيون گولهي اچن يا ڪٽي اچن ۽ پوءِ انهن سخت شين تي پريزنٽيشن ڏيندي انهن شين جي خاصيتن کي سموري ڪلاس آڏو بيان ڪن.

## عنوان : پتڙو يا پاٽيات

**برين اسٽارمنگ:**




استاد بورڊ تي لفظ "پتڙو يا پاٽيات" لکندو ۽ اُن جي چئوگرد هڪ ڪڪر ٺاهي شاگردن کان پڇندو تہ: اوهان ڪهڙيون ڪهڙيون پاٽيات شيون ڏٺيون آهن؟ استاد شاگردن جي ٻڌايل شين کي اُن ڪڪر جي چوگرد لکندو ويندو. اُن ڪانپوءِ استاد پتڙي يا پاٽيات جي تصور کي سمجهائيندي شاگردن کي ڪجھ تجربا



ڪري ڏيکاريندو جيئن: استاد ڪنهن ٿانوَ ۾ پاڻي وجهي ڏيکاريندو ۽ پوءِ شاگردن کان پڇندو تہ هِن جڳ ۾ پاڻيءَ جي شڪل ڪهڙي آهي؟ ان ڪانپوءِ استاد هڪ گلاس ۾ پاڻي وجهي ڏيکاريندو ۽ شاگردن کان پڇندو: هاڻ هِن گلاس ۾ پاڻيءَ جي شڪل ڪهڙي آهي؟ ان ڪانپوءِ استاد بوتل ۾ پاڻي وجهي شاگردن کي ڏيکاريندو ۽ پڇندو تہ هاڻ پاڻيءَ جي شڪل ڪهڙي آهي؟ آخر ۾ استاد پاڻيءَ کي پٽ تي هاري شاگردن کان پُڇندو تہ هاڻ ٻڌايو تہ پاڻيءَ جي شڪل ڪهڙي آهي؟

اهڙي طرح استاد ڳالهہ ٻولهہ ۾ شاگردن کي اهو سمجهائيندو تہ پنڙو يا پاڻياٺ جي ڪا بہ شڪل ناهي هوندي ۽ اهو پنهنجي شڪل شين ۽ حالتن مطابق ناهي سگهندو آهي ۽ اِهو پڙ مادو آهي. اُن کانپوءِ استاد شاگردن کي پاڻياٺ جي بنيادي خاصيتن کان آگاهہ ڪندو جيئن:

- جيڪا شيءِ وهي يا جنهن شيءِ ۾ وهڻ جي خاصيت هجي ان کي پاڻياٺ چئبو آهي
- پاڻياٺ جي ڪا بہ شڪل نہ هوندي آهي، تنهن ڪري اُن کي جنهن بہ ٿانو ۾ رکبو تہ اُن جي شڪل ان ٿانو جي شڪل جهڙي ٿي ويندي.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Found | ڳولهيو | Milk | کير |
| Flow | وهڪرو رواني | Liquid | پاڻياٺ |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي چوندو تہ هو پنهنجا ڪتاب کولين ۽ پوءِ ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 3 واري جڳهہ تي ڏنل خالي جڳهين تي ڪن بہ ٽن اهڙين شين جا نالا لکن. جيڪي پاڻياٺ آهن.

**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق "**پنڙو يا پاڻياٺ**" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڙ سبق معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

| Example: | | |
|---|---|---|
| | L2 | All things which can flow are called liquids |
| | L1 | اهي سموريون شيون جن ۾ رواني آهي انهن کي پنڙو يا پاڻياٺ چئبو آهي. |
| | L2 | All things which can flow are called liquids. |

**لکڻ:**

استاد "**پنڙو يا پاڻياٺ**" جي سبق مان ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد ڪجهہ ڳُجهارتن ذريعي ٻارن کان سوال ڪندو ۽ ٻارن کي سوچڻ لاءِ وقت ڏيندو جيئن ٻار ڳُجهارتون حل ڪري سگهن. ڪجهہ ڳجهارتون مثال جي طور هيٺ ڏجن ٿيون:

| | |
|---|---|
| Its color is white,<br>Mostly use in homes,<br>We get it from animals<br>It is liquid, tell me what this is?<br>Answer: Milk | It is coming from mountains,<br>It has no colour,<br>It is useful for crops,<br>It is flow in Sindh, tell me what this is?<br>Answer: River |

## عنوان : گئس

**برين استارمنگ:**

استاد بورڊ تي لفظ "گئس" لکندو ۽ عنوان کي مدِنظر رکندي شاگردن کان مختلف سوال ڪندو جيئن:




- کُليل جڳهه تي ساهه کڻڻ ڪيئن محسوس ٿيندو آهي؟
- بند ڪمري ۾ ساهه کڻڻ ڪيئن محسوس ٿيندو آهي؟
- ساهه کڻڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ جي ضرورت هوندي آهي؟
- اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن جي ذريعي اسان ساهه کڻندا آهيون؟
- هوا جو رنگ ڪهڙو ٿيندو آهي؟
- ڇا توهان کي محسوس ٿئي ٿو ته هِن ڪلاس ۾ هوا موجود آهي؟
- دونهون ڇا ٿيندو آهي؟
- ديگڙيءَ مان اُٿندڙ ٻاڦ ڇا ٿيندي آهي؟

اُن ڪانپوءِ استاد بورڊ تي لفظ "گئس" لکندو ۽ پوءِ اُن جي چوگرد هوا، ٻاڦ ۽ دونهون لفظ لکندو ۽ پوءِ گئس لفظ کي وڌيڪ واضح ڪندي ، مثالن جي ذريعي سمجهائيندو ته گئس پڻ هڪ مادو آهي. جيڪو اسانجي آسپاس هميشه ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ موجود هوندو آهي.

**نوان لفظ:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| Around | جي چوڌاري | Front | سامھون، اڳيون | Boiling | اُبرڻ |
| Because | ڇاڪاڻ | Blow | هوا جو جهوتو | Actually | اصل/حقيقت ۾ |
| Feel | محسوس ڪرڻ | Smoke | دونهون | Various | مختلف |
| Balloons | ڦوڪڻا | Steam | ٻاڦ | Also | ٻه، پڻ |
| Filled | ڀريو | Tyres | ٽائر | Put | رکڻ |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

**مختلف تجربا**



- استاد ڪلاس ۾ هڪ ڦوڪڻو کڻي ايندو ۽ پوءِ هڪ شاگرد کي گهرائي اُن ۾ هوا ڦوڪرائيندو. استاد شاگردن کي ڦوڪيل ڦوڪڻو ڏيکاريندي چوندو ته هِن ۾ هوا ڦوڪيل آهي، جيڪا اسانکي نظر ته نه ايندي آهي پر جڏهن اسان اُن کي ڪنهن شيءِ ۾ قيد ڪندا آهيون ته پوءِ اها هڪ جڳهه يا جاءِ تي جمع ٿي ويندي آهي. جيئن هن ڦوڪڻي ۾ هوا ڀريل آهي. تنهن ڪانپوءِ استاد اُن شاگرد کي چوندو ته هو اُن ڦِوڪڻي کي ڇڏي ڏئي. ڦوڪڻي کي جيئن ئي ڇڏي ڏبو ته اُن جي هوا نڪري ويندي ۽ پوءِ اُهو تيزي سان ڪلاس ۾ هيڏي هوڏي اُڏامي ڪري پوندو. استاد شاگردن کي سمجهائيندو ته هوا کي قيد ڪري رکڻ لاءِ ضروري آهي ته ان کي ڪنهن به مڪمل بند شيءِ ۾ رکجي نه ته ٻئي صورت ۾ هوا کي ٿورڙي وٿي به ملي ته اُها نڪري ويندي.
- استاد هڪ ٿالهه ۾ پاڻي ڀريندو ۽ اُن پاڻي ۾ هڪ خالي گلاس اونڌو ڪري وجهندو. پاڻي گلاس ۾ داخل نه ٿيندو ڇو ته گلاس ۾ هوا ڀريل آهي، پوءِ استاد گلاس کي ٿورو ٿورو مٿي ڪندو ته ان گلاس مان هوا جا بلبلا ٻاهر نڪرندا ۽ ان هوا جي جڳهه پاڻي والاريندو

- استاد شاگردن کي چوندو تہ ھو پنھنجين جڳھن تي بيھي ڪري وڏا وڏا ساھ کڻن ۽ ساھ ٻاھر ڪرڻ وقت پنھنجي وات جي آڏو ھٿ رکن. ايئن ڪرڻ سان وات مان نڪرندڙ ھوا مان کين ھوا جي ھجڻ جو احساس ٿيندو.
- استاد ھڪ پني کي ڦاڙي ان جون ننڍيون ٽڪريون ڪري رکندو ۽ جيئن ھوا لڳائيندو تہ ٽڪريون اڏامنديون. استاد اھڙن ننڍن تجربن جي ذريعي گئس جي ھجڻ جي وضاحت ڪندو
- استاد شاگردن کي پنا ڏيندو ۽ انھن مان جھاز ٺھرائي. انھن کي ھوا ۾ اُڏائڻ لاءِ چوندو. ايئن استاد شاگردن کي سمجھائيندو تہ ڪيئن ھلڪيون شيون ھوا ۾ آسانيءَ سان اڏامن ٿيون

**پڙھڻ:**

استاد پھرين ڏينھن تي استاد شاگردن کي سبق" گئس" 2+3 واري طريقي سان پڙھائيندو. اُن ڪانپوءِ ٻئي ڏينھن تي "سينڊوچ" طريقيڪار تحت شاگردن کي پڙھي ٻڌائيندو.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | Air is a gas which we can feel. We cannot see air. |
| | **L1** | ھوا گئس آھي، جنھن کي اسان محسوس ڪري سگھون ٿا. اسان ھوا کي ڏسي نہ ٿا سگھون. |
| | **L2** | Air is a gas which we can feel. We cannot see air. |

**لکڻ:**

استاد "گئس" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي ھدايت ڪندو تہ ھو اِھو پيراگراف پنھنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد ڪجھ اڌورا جملا بورڊ تي لکندو ۽ انھن جا جواب شاگردن کان حاصل ڪندو:

- Papers are flying around because of ____________.
- Smoke and Stem is also ___________. (Gas, Air)

## نوان: ھلڪو ۽ ڳرو

**برين اسٽارمنگ:**





استاد ٽيبل تي ڪجھ ھلڪيون ۽ ڪجھ ڳريون شيون رکندو يا وري ڪلاس ۾ موجود ڪجھ ھلڪين ۽ ڳرين شين ڏانھن اشارو ڪندي ڪجھ شاگردن کي گھرائي ھڪ ھٿ ۾ ڳري ۽ ٻئي ھٿ ۾ ھلڪي شيءِ کڻڻ لاءِ چوندو. انھيءَ تجربي جي بنياد تي شاگرد پاڻ ئي ھلڪي ۽ ڳري شيءِ ۾ فرق ٻڌائيندا. اُن تجربي ڪرائڻ ڪانپوءِ استاد ھلڪين ۽ ڳرين شين جي وضاحت ڪندي شاگردن کي ٻڌائيندو تہ:

- سموريون شيون مادي جون ٺھيل ھونديون آھن. جيڪي جڳھ بہ والارينديون آھن تہ وري وزن بہ رکنديون آھن
- ڪجھ شيون ھلڪيون ٿينديون آھن تہ وري ڪجھ شيون ڳريون ٿينديون آھن.
- جيڪي شيون ڳريون ھونديون آھن. انھن جو وزن بہ گھڻو ٿيندو آھي.
- جيڪي شيون ھلڪيون ھونديون آھن انھن جو وزن بہ گھٽ ھوندو آھي.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Light | هلڪو | Less | گهٽ |
| Heavy | ڳرو | Experiment | تجربو |
| Object | ڪا بہ شيءِ | Lifting | مٿي کڻڻ |
| Weigh | وزن ڪرڻ، وزن | Discuss | ڳالهہ ٻولهہ |
| More | وڌيڪ | Concept | تصور |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي ڪلاس جي ڪمري کان ٻاهر وٺي ويندو ۽ انهن کي هلڪيون ۽ ڳوريون شيون ڳولهڻ لاءِ چوندو ۽ پوءِ هر شاگرد کي چوندو تہ هو هڪڙي هٿ ۾ هلڪي ۽ ٻئي هٿ ۾ ڳري شيءِ کڻن ۽ پوءِ انهن جي فرق کي ٻڌائين.
- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 5 ۽ سرگرمي نمبر 6 ڪرائيندو ۽ پوءِ اُن مطابق شاگردن کي سرگرمي ڪرائيندي کانئن پڇندو تہ هو ٻڌائين تہ اِن سرگرمي ڪرڻ کانپوءِ هلڪين ۽ ڳرين شين جو تصور ڪيئن سمجهيو

**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق" هلڪو ۽ ڳرو" 3+2 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد"سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق " هلڪو ۽ ڳرو" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

| Example: | | |
|---|---|---|
| | L2 | All things made of matter take up space and have weight. |
| | L1 | سموريون شيون مادي جون ٺهيل آهن جيڪي جڳهہ والاريندڙيون آهن ۽ وزن رکنديون آهن. |
| | L2 | All things made of matter take up space and have weight. |

**لکڻ:**

استاد " هلڪو ۽ ڳرو" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هواِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد ڪلاس ۾ موجود مختلف شين بابت هيٺ ڏنل سوال پڇندو جيئن:

Which is the heavier?
Bag (Chair)

Which is the lighter?
Book Bag

**ورجاءَ جون سرگرميون:**

**سرگرمي نمبر 1:**

استاد بورڊ تي ڪتاب ۾ ڏنل ڪجهہ تصويرون ناهيندو ۽ پوءِ شاگردن کي چوندو تہ اهو ٻڌايو تہ هنن مان سخت شيون ڪهڙيون آهن؟

**سرگرمي نمبر 2:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل جملا بورڊ تي لکي هڪ هڪ جملو "سينڊوچ" ۽ 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ پوءِ شاگردن کان پڇندو ته ٻڌايو ته صحيح جملو ڪهڙو آهي ۽ غلط جملو ڪهڙو؟ سرگرمي ڪرڻ کانپوءِ استاد شاگردن کي ساڳئي سرگرمي ڪتاب کولي ڪرائيندو.

**سرگرمي نمبر 3:**

استاد ڪلاس ۾ ڪجھ ڳريون ۽ ڪجھ هلڪيون شيون کڻي ايندو ۽ پوءِ هڪ هڪ شاگرد کي گهرائي ان جي هڪ هٿ ۾ ڳري ۽ ٻئي هٿ ۾ هلڪي شيءِ ڏئي چوندو ته هاڻ اهو ٻڌايو ته هلڪي شيءِ ڪهڙي آهي ۽ ڳري شيءِ ڪهڙي آهي؟ ۽ هلڪي شيءِ هلڪي ڇو آهي ۽ ڳري شيءِ ڳري ڇو آهي؟

**يونٽ جي پڄاڻي:**

هن جڳهه تي يونٽ "**مادو**" جي پڄاڻي ٿئي ٿي. تنهن ڪري استاد کي گهرجي ته هو يونٽ جي پڄاڻي وقت سموري يونٽ جو ورجاءُ ڪري جنهن سان شاگردن کي سموري يونٽ جي مختلف موضوعن جي ربط کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿيندي.

**نوٽ:**

جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پڄاڻي تي هڪ يا ٻه ڏينهن "**مادو**" جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري ۽ يونٽ ۾ بيان ڪيل سمورن تصورن کي زباني ۽ عملي ڪم ڪندي شاگردن کي مصروفِ عمل رکي ته ائين ڪرڻ سان شاگردن جي ذهني نشوونما سُٺي نموني ٿيندي.

# يونٽ 6

## عنوان : گرمي

| مقصد | گهربل تدريسي مواد |
|---|---|
| هِن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ شاگرد اِن قابل ٿي ويندا جو هو:<br>• گرمي جي وڏي ۾ وڏي، بنيادي ۽ مستقل ذريعي سج ۽ گرمي جي ٻين وسيلن جهڙوڪ باهه ۽ بجلي بابت ڄاڻندا.<br>• گرميءَ جي استعمال جا فائدا سمجهي سگهندا. | ميڻ بتي، ماچيس، ڳوهيل مٽي<br>(پراجيڪٽ تحت رانديڪا ٺاهڻ لاءِ) |

## گرمي

**برين اسٽارمنگ:**

استاد شاگردن کي هڪ منٽ لاءِ اُس تي ٻيهاريندو ۽ پوءِ کانئن مختلف سوال ڪندو جئين:




- توهان اُس ۾ ٻيهي ڇا محسوس ڪيو؟
- توهان کي گرمي ڇو محسوس ٿي؟
- اُس يا گرمي ڪٿان ايندي آهي؟

اُن کانپوءِ استاد بورڊ تي لفظ گرمي لکندو ۽ پوءِ اُن جي چئوگرد ڪڪر ٺاهي، لفظ گرمي تي بحث مباحثو ڪندي ۽ سوال جواب پڇندي شاگردن کي اُن جو تصور اجاڳ واضح ۽ چٽي نموني سمجهائيندو.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Light | روشني | Cold | ٿڌو |
| Standing | ٻيهڻ | Besides | اُن کان علاوه |
| Hot | گرم | | |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي ٻن گروپن ۾ ورهائي، انهن ۾ بحث مباحثي ڪرائيندو. استاد ٻنهي گروپن کي هيٺ ڏنل عنوان تي بحث ڪرائيندو. هڪ گروپ ٻئي گروپ جي دليلن جي مقابلي ۾ پنهنجا دليل ڏيندو ۽ اِها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته انهن جي ڳالهه صحيح ۽ سچي آهي، جنهن کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي. بحث دوران استاد شاگردن جي حوصلا افزائي ڪندو ۽ بحث دوران ڳالهه ٻولهه ۾ ٻنهي گروپن جي مدد پڻ ڪندو. جڏهن بحث مباحثو پورو ٿي وڃي ته پوءِ استاد آخر ۾ بحث کي سهيڙيندو ۽ ٻنهي ڌرين جي اهم ۽ ڪم وارين ڳالهين، نقطن ۽ دليلن کي وڏيڪ واضح ڪندي موضوع کي سمجهائڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪندو. ٻنهي گروپن ۾ بحث مباحثي لاءِ موضوعن جا عنوان هيٺ ڏجن ٿا:

**گروپ نمبر 1:** سج جي گرمي ۽ روشني سڀ کان وڌيڪ اهم آهي

**گروپ نمبر 2:** باهه جي گرمي ۽ روشني سڀ کان وڌيڪ اهم آهي

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق" **گرمي**" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. ان ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق" **گرمي**" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | All things made of matter take up space and have weight. |
| **L1** | سموريون شيون مادي جون ٺهيل آهن ۽ اُهي جڳهه والارين ٿيون ۽ وزن رکن ٿيون. |
| **L2** | All things made of matter take up space and have weight. |

**لکڻ:**

استاد " **گرمي**" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد ڪجهه سوال بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کان انهن سوالن جا جواب حاصل ڪري صحيح لفظ تي گول دائرو ڏيندو جيئن:

| **Where does the heat come from?** | **Heat comes from the?** |
|---|---|
| **ColdThings** **Hot** | **Moon** **Sun** |

## عنوان : گرميءَ جا ذريعا

**برين اسٽارمنگ:**

استاد شاگردن کي هيٺ ڏنل اڌوري ڪهاڻي ٻڌائي ڪري سبق جو حاصل مطلب معلوم ڪري وٺندو:

**احمد ۽ سيارو**



احمد هڪ غريب ڇوڪرو هو هو پنهنجي گهر جو گذران ڪاٺيون ڪري ڪندو هو. هڪ ڀيري سياري جي شام جو احمد روز جيان ڪاٺيون ڪرڻ ويو ته اوچتو ئي اوچتو آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ مينهن پوڻ شروع ٿي ويو. بادلن جي گجگوڙ ۽ ڪنوڻ لڳڻ سبب احمد کي ڏڪ ٿئي پيو ۽ هو جهنگ مان نڪري نه سگهيو. هڪ سيارو مٿان برسات احمد کي اچي سيءُ ورايو. هن کي هڪ غار نظر آئي ۽ هِن سوچيو ته ڇو نه برسات جي ختم ٿيڻ تائين ان غار ۾ پناهه وٺان ۽ پوءِ هو جيئن تيئن ڪري غار تائين پهتو. غار ۾ مختلف وزن جا ننڍا وڏا پٿر به پيل هئا. احمد غار ۾ هڪ سُني جڳهه ڏسي اُتي پنهنجون سُڪل ڪاٺيون رکيون ۽ پاڻ به ويهي رهيو. احمد کي ڏاڍو سيءُ لڳي رهيو هو.....

اُتي ڪهاڻي ختم ڪري استاد شاگردن کان هيٺيان ڪجهه سوال پڇندو:

- استاد شاگردن کان ڪهاڻيءَ جو آخري حصو مڪمل ڪرائيندو ۽ انهن کان رايا وٺندو ته ڪهاڻيءَ جو اختتام ڪيئن هجڻ گهرجي؟
- توهان جي خيال ۾ اهڙي سيءَ ۾ احمد سپ کان پهرين ڇا ڪيو هوندو؟
- احمد ٻاهر ڇو ۽ ڪيئن ٻاري هوندي؟
- احمد کي جڏهن ٻاهه مان گرمي ملي هوندي ته اُن ڪيئن محسوس ڪيو هوندو؟
- ٻلا اسان ٻاهه ڪٿان ڪٿان حاصل ڪندا آهيون؟ وغيره

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Source | ذريعو | Wood | ڪاٺي |
| Rubbing | مهٽڻ | Electricity | بجلي |
| Burning | ساڙڻ | Produce | تيار ڪرڻ |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجا ٻئي هٿ هڪٻئي سان رڳڙن. اهڙي رڳڙ جي ڪري انهن جي هٿن ۾ گرمي پيدا ٿيندي ۽ پوءِ جڏهن هٿ گرم ٿي وڃن ته پوءِ استاد شاگردن کي چوندو ته هو اهي ٻئي هٿ پنهنجن ڳٽن تي رکن. ايئن ڪرڻ سان هٿن ۾پيدا ٿيل گرمي شاگردن کي محسوس ٿيندي. اِن سرگرمي ڪرڻ سان شاگرد ٻه ڳالهيون سکندا: هڪ ته گرمي رڳڙ سان پيدا ٿئي ٿي ۽ ٻيو ته پيدا ٿيل گرمي، جيڪڏهن اسانجي جسم جي ڪنهن عضوي سان ٽڪرائجي ٿي ته اسان کي ان جو اثر محسوس ٿئي ٿو.
- استاد شاگردن کي سج، باهه، هيٽر جا ماسڪ ٺاهي ڏيندو ۽ انهن کان رول پلي ڪرائيندو. استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اهي ماسڪ پنهنجي چهري تي لڳائين ۽ انهن شين بابت جيڪو ڪجهه به هن سبق ۾ پڙهي ۽ سِکي آيا آهن. اِن مطابق پاڻ ڊائلاگ ٻڌائين انهن شين جي خاصيتن بابت بيان ڪن

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق " گرميءَ جا ذريعا "2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پڙهائيندو.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | Besides the Sun, what are the other sources of heat? |
| **L1** | سج کان علاوه گرمي جا ٻيا ڪهڙا ذريعا آهن؟ |
| **L2** | Besides the Sun, what are the other sources of heat? |

**لکڻ:**

استاد " گرميءَ جا ذريعا "جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل نوان لفظ بورڊ تي لکندو ويندو. پر اُن لاءِ سڀ کان پهرين پاڻ نوان لفظ زباني پڙهندو ۽ انهن جي اسپيلنگ شاگردن کان پُڇندو ۽ جڏهن شاگرد ڪنهن به نئين لفظ جي صحيح اسپيلنگ ٻڌائين ته پوءِ استاد اِهو لفظ بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ اُن لفظ کي 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو.اُن کانپوءِ استاد شاگردن کان انهن لفظن جون معنائون پڇندو ۽ صحيح معنيٰ بورڊ تي لکندو ويندو. اهڙي طرح نه صرف شاگردن جو سموري سبق جو ورجاءُ ٿي ويندو پر اُن سان گڏوگڏ شاگردن کي سبق ۾ استعمال ڪيل نون لفظن جي ذخيري کي پڻ دهرائي ڪري وڌيڪ سمجهڻ جو موقعو پڻ ملندو.

## عنوان :گرميءَ جو استعمال

**برين اسٽارمنگ:**

استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو پنهنجيون اکيون بند ڪن ۽ ٻن منٽن تائين اِهو سوچين ته اُهي ڪهڙيون شيون آهن، جن مان اسان کي گرمي ملندي آهي ۽ اسان اُها گرمي ڪيئن ڪيئن استعمال ڪندا آهيون. ياد رهي ته انهيءَ دوران شاگرد صرف سوچيندا ۽ ڳالهائيندا ڪو نه. بعد ۾



استاد بورڊ تي "گرميءَ جو استعمال" لکندو ۽ ان جي چئوگرد ڪڪر ٺاهيندو ۽ پوءِ شاگردن کان پڇندو ته هاڻ هو ٻڌائين ته انهن گرميءَ جي استعمال بابت ڇا ڇا سوچيو؟ ۽ پوءِ استاد شاگردن طرفان ٻڌايل نقطن کي بورڊ تي لکندو ۽ انهن جي وضاحت ڪندو ويندو.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Use | استعمال | Get | حاصل ڪرڻ |
| Dry | خشڪ | Wet | آلو، پُسيل |
| Cook | پچائڻ | Shade | ڇانو پاڇو |
| Stove | چلهو | Quickly | تيزي سان |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي ماچيس جي هڪ تيلي ٻاري ڏيکاري ۽ پوءِ ڪائنس پڇندو ته اِها تيلي ڇو ٻري؟ شاگرد جيڪڏهن صحيح جواب ڏين ٺا ته پوءِ اُستاد ان جواب کي وڌيڪ بهتر طريقي سان کين سمجهائيندي ٻڌائي ته جڏهن ٻه ڪي ٻه گرم شيون هڪٻئي سان رڳڙ کائين ٿيون ته پوءِ انهن ۾ گرمي پيدا ٿيندي آهي. بلڪل ايئن ئي جيئن ڪجهه دير اڳ ماچيس ۽ تيلي تي لڳل بارود ۾ رڳڙ سان گرمي پيدا ٿي ۽ پوءِ انهن ۾ باهه لڳي وئي ڇو ته بارود ۾ ٻرڻ جي صلاحيت هوندي آهي. اُن کان بعد استاد شاگردن کان پڇندو ته اسان باهه ۽ گرميءَ جو استعمال ڪيئن ڪيئن ڪندا آهيون؟

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "گرميءَ جو استعمال" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "گرميءَ جو استعمال" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | We dry our clothes in the Sun. We cook our food by the heat of a stove. |
| | **L1** | اسان پنهنجا ڪپڙا اُس ۾ سڪائيندا آهيون. اسان پنهنجو کاڌو چُلهه جي گرميءَ تي پچائيندا آهيون. |
| | **L2** | We dry our clothes in the Sun. We cook our food by the heat of a stove. |

**لکڻ:**

استاد "گرميءَ جو استعمال" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد شاگردن جا ٻه گروپ ٺاهيندو ۽ پوءِ هر هڪ گروپ کي هڪ پروجيڪٽ ڪرڻ جي هدايت ڪندو ته ٻئي گروپ گهر مان ڪپڙي جا ٽُڪر کڻي اچن ۽ ڪپڙي جي انهن ٽڪرن کي پاڻيءَ ۾ پُسائين. پوءِ هڪ گروپ انهن پُسيل ڪپڙن جي ٽُڪرن کي اُس ۾ سُڪائڻ لاءِ رکي ته وري ٻيو گروپ انهن پُسيل ڪپڙن کي سڪائڻ لاءِ ڇانوَ ۾ رکي. ڪجهه دير ڪانپوءِ ٻئي گروپ پنهنجا پنهنجا ڪپڙا کڻي اچن. استاد اُس ۾ رکيل ڪپڙن واري گروپ کي پُڇي ته انهن جا ڪپڙا ڇو سُڪي ويا؟ ۽ ڇانوَ ۾ رکيل ڪپڙن واري گروپ کان پُڇي ته انهن جا ڪپڙا ڇو ڪو نه سُڪا؟

**ورجاءَ جون سرگرميون:**

**سرگرمي نمبر 1:**

سرگرمي نمبر 1 تحت استاد شاگردن کي چوندو تہ هو ڪتاب ۾ ڏنل جڳهہ تي تي اهڙيون تصويرون ناهن. جن مان اسان گرمي حاصل ڪندا آهيون ۽ پوءِ انهن تصويرن کي رنگ پڻ پرين.

**سرگرمي نمبر 2:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل جملا بورڊ تي لکي هڪ هڪ جملو "سينڊوچ" ۽ 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ پوءِ شاگردن کان پُڇندو تہ ٻڌايو تہ صحيح جملو ڪهڙو آهي ۽ غلط جملو ڪهڙو؟ شاگردن طرفان ڏنل صحيح جواب کي استاد اُن جملي آڏو صحيح يا غلط جو نشان لڳائيندو ۽ پوءِ سرگرمي جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ استاد شاگردن کي ساڳئي سرگرمي ڪتاب کولي ڪرائيندو.

**يونٽ جي پڇاڙي:**

هن جڳهہ تي يونٽ "**گرمي**" جي پڇاڙي ٿئي ٿي. تنهن ڪري استاد کي گهرجي تہ هو يونٽ جي پڇاڙي وقت سموري يونٽ جو ورجاءُ ڪري جنهن سان شاگردن کي سموري يونٽ جي مختلف موضوعن جي ربط کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿيندي.

**نوٽ:** جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پڇاڙي تي هڪ يا ٻہ ڏينهن "**گرمي**"جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري ۽ يونٽ ۾ بيان ڪيل سمورن تصورن کي زباني ۽ عملي ڪم ڪندي شاگردن کي مصروفِ عمل رکي.

# يونٽ 7

## روشني

| گهربل تدريسي مواد | مقصد |
|---|---|
| ميڻ بتي، ماچيس، هڪ وڏو بال ۽ تارچ | هِن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ شاگرد اِن قابل ٿي ويندا جو هو:<br>• روشني ۽ اُن جي ذريعن بابت معلوم ڪندا ۽ روشني ۽ گرمي جو پاڻ ۾ تعلق سمجهي سگهندا.<br>• اسان جي ڏسڻ جي صلاحيت لاءِ روشني جي هجڻ جي ضرورت بابت سمجهي سگهندا. |

## عنوان: روشنيءَ جا ذريعا/وسيلا

**برين اسٽارمنگ:**

روشنيءَ جا ذريعا

استاد بورڊ تي لفظ "روشنيءَ جا ذريعا/وسيلا" لکندو ۽ پوءِ ڪلاس مان ڪجهه شاگردن کي آڏو گهرائي، انهن جي اکين تي ڪاري پٽي ٻڌندو ۽ کين چوندو ته هو ڪلاس ۾ پنهنجي جڳهه تي ويهي ڏيکارين. شاگرد پٽي ٻڌل اکين سان ڪلاس ۾ پنهنجي جڳهه کي ڳولهي نه سگهندا، جنهن جي ڪري پريشانيءَ جو شڪار ٿيندا. اُن سرگرمي ڪرائڻ کانپوءِ استاد شاگردن کان روشنيءَ بابت هيٺ ڏنل ڪجهه سوال ڪندو جيئن:

- روشني ۽ اونداهيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
- روشني اسان لاءِ ڇو ضروري آهي؟
- جيڪڏهن رات جو بجلي هلي وڃي ۽ اونده ٿي وڃي ته پوءِ اسان ڇا ڪندا آهيون؟
- رات جو اونده کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان ڪهڙيون ڪهڙيون شيون استعمال ڪندا آهيون؟ وغيره

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Sources | ذريعا | Torch | تارچ |
| Light | روشني | Candle | ميڻ بتي |
| Sun | سج | Matchstick | ماچيس |
| Bulb | بلب | Dark | ڳهرو ڪارو |
| Tube Light | ٽيوب لائيٽ، راڊ | | |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي هڪ رول پلي ڪرائيندو جنهن تحت استاد ڪلاس ۾ اڳواٽ ئي ماچيس، تارچ ۽ ميڻ بتيءَ جو بندوبست ڪندو ۽ پوءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو ماچيس، تارچ يا ميڻ بتي کي پنهنجي منهن جي ويجهو آڻي آواز کي تبديل ڪري ڪجهه ڊائلاگ چون جن مان اُن شيءِ جي استعمال، فائدي ۽ نقصان بابت خبر پوي. جيڪڏهن استاد اهڙي قسم جا ماسڪ ناهي، شاگردن جي منهن تي چاڙهي پوءِ رول پلي ڪرائي ته وڌيڪ بهتر آهي. ڪو به شاگرد ميڻ بتي کي پاري پنهنجي چهري جي ويجهو آڻيندو يا وري ماسڪ چهري تي چاڙهي هي ڊائلاگ هڻندو:

”پيارا ٻارو! مان آهيان ميڻ بتي. مان توهان جي دوست آهيان ڇو تہ مان اوهانکي اونده ۾ روشني مُهيا ڪندي آهيان، پر مونکي ڪڏهن بہ راند ۾ اهڙي جڳهہ تي استعمال نہ ڪجو جو اُن سان ان جڳهہ تي ڪو نقصان ٿي پئي ۽ باهہ لڳي پوي. تنهن ڪري مونکي استعمال ڪرڻ سان گڏ احتياط ڪرڻ بہ انتهائي ضروري آهي. “

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق ”روشنيءَ جا ذريعا/وسيلا “ 3+2 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد ”سينڊوچ“ طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق ”روشنيءَ جا ذريعا/وسيلا“ معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | We get light from the Sun, bulbs, tube lights, torches, candles and matchsticks. |
| | **L1** | اسان سج، بلب، ٽيوب لائيٽ (راڊ)، ٽارچ، ميڻ بتي ۽ ماچيس جي تيلين مان روشني حاصل ڪندا آهيون. |
| | **L2** | We get light from the Sun, bulbs, tube lights, torches, candles and matchsticks. |

**لکڻ:**

استاد ”روشنيءَ جا ذريعا/وسيلا “جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هواِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

- استاد جائزي تحت ڪتاب ۾ ڏنل بہ سرگرميون شاگردن کان ڪتاب تي ئي ڪرائيندو. استاد شاگردن کي چوندو تہ هو ڪتاب کولين ۽ اُن ۾ موجود سرگرمي نمبر 1 تحت ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن کي ڏسندي انهن تصويرن تي گول دائرو ڏين جن کي ٻاري اسان اوندهہ واري ڪمري ۾ روشني ڪندا آهيون.
- سرگرمي نمبر 2 تحت استاد شاگردن کي چوندو تہ ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن کي ڏسندي انهن تصويرن ۾ رنگ ڀريو جن منجهان روشني پيدا ٿيندي آهي.

## عنوان: گرمي ۽ روشني

**برين اسٽارمنگ:**

استاد ڪلاس اندر شاگردن کي مختلف تجربا ڪرائيندي ڪين اِهو نقطو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ: جن شين مان اسانکي گرمي ملندي آهي انهن ئي شين مان اسان کي روشني پڻ ملندي آهي. سڀ کان پهرين استاد ڪلاس جو در ۽ دريون بند ڪرائيندو جڏهن ڪلاس ۾ مڪمل اوندهہ ٿي ويندي تہ پوءِ استاد سڀ کان پهرين ماچيس جي تيلي ٻاريندو جنهن جي ٻرڻ سان اونداهي ڪلاس جي ڪمري ۾ روشني ٿي ويندي ۽ پوءِ استاد اُن تيليءَ مان ميڻ بتي ٻاريندي شاگردن کي چوندو: جيئن تہ اسان اڳ ۾ پڙهي آيا آهيون تہ اسان کي گرمي ميڻ بتي ۽ ماچيس جي تيلي مان بہ ملندي آهي پر اسان هتي اهو بہ ڏسي رهيا آهيون جن شين مان اسان کي گرمي ملي ٿي انهن مان اسان کي روشني، پڻ ملي ٿي جنهن جي ڪري اسان جي ڪلاس جي اونداهي ڪمري ۾ روشني ٿي وئي آهي. اهڙي طرح استاد ٽارچ ۽ بلب مان ملندڙ روشني ۽ انهن مان نڪرندڙ گرميءَ بابت پڻ شاگردن کي تجربا ڪرائي. جڏهن اهي تجربا پورا ٿي وڃن تہ پوءِ استاد شاگردن وچ ۾ اهو بحث مباحثو ڪرائي تہ: ڪيئن هڪڙي شيءِ جيڪا گرمي ڏئي ٿي اُن مان اسانکي روشني پڻ ملي ٿي.

**نوان لفظ:**

**نوٽ: هن سبق جا لفظ هن يونٽ جي پوين سبقن ۾ اچي چڪا آهن. پر استاد چاهي ته انهن لفظن کي دهرائي ڪرائي سگهي ٿو.**

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي اچا پنا ڏيندو ۽ کين هدايت ڪندو ته هو انهن تي ڪن به ٻن اهڙين شين جون تصويرون ٺاهين جن مان اسان کي گرمي ۽ روشني ملندي آهي. جڏهن شاگرد تصويرون ٺاهي وڃن ته پوءِ استاد انهن کان انهن تصويرن بابت پُڇا ڳاڇا ڪندو ۽ پوءِ انهن تصويرن کي هڪ باڪس ۾ جمع ڪندو ويندو ۽ آخر ۾ ڪلاس جي هڪ ڪُنڊ ۾ ڊسپلي ڪندو.

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق"**گرمي ۽ روشني**" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "**گرمي ۽ روشني**" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | Objects that give us heat also give us light. |
| | **L1** | جن شين مان اسان کي گرمي ملندي آهي ، انهن منجهان ئي اسان کي روشني پڻ ملندي آهي. |
| | **L2** | Objects that give us heat also give us light. |

**لکڻ:**

استاد"**گرمي ۽ روشني**" جي سبق ۾ ڏنل هڪ لائين جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد جائزي تحت ڪتاب اندر سرگرمي نمبر 3 کي ڪرائيندي شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن کي ڏسندي صرف انهن شين ۾ رنگ ڀرين جن مان نه صرف گرمي پيدا ٿيندي آهي پر انهن شين مان اسانکي روشني پڻ ملندي آهي.

## عنوان: شيون ڏسڻ

**برين اسٽارمنگ:**

استاد سڀ کان پهرين شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي ٻڌائيندو:

**رابعه**




رابعه ڏاڍي سُٺي، پياري ۽ سُلڇڻي ڇوڪري هئي. رابعه هوندئن ته جائي ڄم کان وٺي اکين کان ڏسي نه سگهندي هئي پر الله سائين ان کي ڪيترين ئي ٻين خوبين سان نوازيو هو. هن جو عقل ۽ ٻُڌڻ، سنگهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جون حِسُون ايترين ته سگهاريون هيون جو هو پنهنجو سمورو ڪم پاڻ ڪندي هئي. هوءَ ڏسي نه سگهندي هئي پر پنهنجي گهر وارن ۽ پنهنجي دوستن جو ڏاڍو خيال ڪندي هئي. هو ڏاڍو سُٺو ڳائيندي به هئي ۽ پنهنجي اسڪول ۾ پڙهائيءَ ۾ به ڏاڍي ڀڙُ هوندي هئي. هڪ ڏينهن اُن پنهنجي محنت ۽ مشقت سان تمام سُٺي نموني پنهنجا امتحان پاس ڪري پنهنجي اسڪول ۾ سڀ کان پهرين نمبر تي آئي. هِن کي ڪمپيوٽر سکڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ آخرڪار اُن ڪمپيوٽر سکي سيني کي حيران ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ

هن کي هڪ سرڪاري اداري ۾ ڏاڍي سُٺي نوڪري ملي وئي. توهان ڏٺو ٻارو ته ڪنهن به انسان جي محنت ڪڏهن به بيڪار ناهي ويندي.

اُن ڪهاڻي ٻڌائڻ کانپوءِ استاد بورڊ تي لفظ" ڏسڻ" لکندو ۽ پوءِ اُن جي چوگرد هڪ ڪڪر ٺاهي شاگردن کان هيٺ ڏنل ڪجھ سوال پُڇندو ويندو ۽ حاصل ٿيل معلومات اُن لفظ جي ڪڪر جي چئوگرد لکندو ويندو:

- ڏسڻ اسان انسانن لاءِ ڇو ضروري آهي؟
- جيڪڏهن اسان ڏسي نه سگھون ته پوءِ ڇا ٿيندو؟
- اوهان پنهنجي اکين تي هٿ رکي ، انهن کي مڪمل بند ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ ٻڌايو ته اوهان ڇا محسوس ڪري رهيا آهيو؟
- اسان شين، ماڻهن، رنگن کي ڪيئن ڏسي سگھندا آهيون؟
- جيڪڏهن اونده هجي ته ڇا اسانکي هر هڪ شيءِ واضح ۽ چٽي نظر ايندي؟ وغيره

استاد شاگردن جي ڏنل معلومات کي وڌيڪ واضح ڪندي هڪ هڪ ڳالھ کي مثالن ذريعي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪندو ته جيئن شاگردن کي سبق جي موضوع " شيون ڏسڻ "متعلق هر هڪ شيءِ جي مڪمل ڄاڻ حاصل ٿي وڃي.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Able | قابل | During | درميان، وچ ۾ |
| Cover | ڍڪڻ | Sunlight | سج جي روشني |
| Still | اڃان تائين،اڃان به | Get | حاصل ڪيو |
| Goes | وڃ، وڃڻ | Clock | گھڙيال |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ سرگرمي نمبر 4 ڪرائيندو ۽ سرگرمي ڪرائڻ کانپوءِ ڪتاب ۾ موجود سوال پڇندو. اها سرگرمي ڪرڻ کانپوءِ استاد شاگردن کان اُن سوال جي وضاحت وٺندو ته:"ڇا توهان هاڻ وضاحت ڪري سگھو ٿا ته اسانکي روشنيءَ جي ضرورت ڇو پوندي آهي؟"
- اُن سرگرميءَ کانپوءِ استاد شاگردن کي هڪ هڪ ڪاغذ ڏيندو ۽ پوءِ کين چوندو ته هو اُن ڪاغذ کي ويڙهي پنهنجي هڪ ڊگھي نلڪي واري دوربين ٺاهين ۽ اُن نلڪي نما دوربين مان پنهنجي آسپاس موجود سمورين شين کي غور سان فوڪس ڪري ڏسن. انهيءَ تجربي ڪرڻ کانپوءِ استاد شاگردن کان انهن جا خيال پُڇندو ته اِهو تجربو انهن کي ڪيئن لڳو؟

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق " شيون ڏسڻ" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق " شيون ڏسڻ" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| L2 | We can see with the help of light. |
| L1 | اسان روشني جي مدد سان ڏسي سگھندا آهيون. |
| L2 | We can see with the help of light. |

**لکڻ:**

استاد **"شيون ڏسڻ"** جي سبق ۾ ڏنل هڪ لائين جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اُن لائين کي پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد ڪجهه جملا بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ اهي جملا "سينڊوچ" ۽ 2+3 واري طريقي تحت پڙهي شاگردن کان پڇندو ته ڪهڙا جملا صحيح ۽ ڪهڙا غلط آهن. اُن ڪانپوءِ استاد بورڊ تي لکيل جملن آڏو نشان لڳائيندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي ساڳيا جملا پنهنجين ڪاپين ۾ لکن. جملا هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Can we see in the dark? | True/False |
| Telephone is giving us light? | True/False |
| We get light from the sun? | True/False |
| Wall clock tells us time and gives us light. | True/False |
| Candle is give us light in dark night. | True/False |

**ورجاءُ جون سرگرميون:**

**سرگرمي نمبر 1:**

سرگرمي نمبر 1 تحت استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو ڪتاب ۾ ڏنل جڳهه تي تي اهڙيون تصويرون ڏاهين جن مان اسان روشني حاصل ڪندا آهيون ۽ پوءِ انهن تصويرن کي رنگ پڻ ڀرين.

**سرگرمي نمبر 2:**

سرگرمي نمبر 2 تحت استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو ڪتاب ۾ ڏنل جڳهه تي تي اهڙيون تصويرون ڏاهين جن مان اسانکي گرمي ۽ روشني حاصل ٿيندي آهي ۽ پوءِ انهن تصويرن کي رنگ پڻ ڀرين.

**سرگرمي نمبر 3:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل جملا بورڊ تي لکي هڪ هڪ جملو "سينڊوچ" ۽ 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ پوءِ شاگردن کان پُڇندو ته ٻڌايو ته صحيح جملو ڪهڙو آهي ۽ غلط جملو ڪهڙو؟ شاگردن طرفان ڏنل صحيح جواب کي استاد اُن جملي آڏو صحيح يا غلط جو نشان لڳائيندوءِ پوءِ سرگرمي جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ استاد شاگردن کي ساڳئي سرگرمي ڪتاب کولي ڪرائيندو.

**يونٽ جي پڄاڻي:**

هن جڳهه تي يونٽ **"روشني"** جي پڄاڻي ٿئي ٿي. تنهن ڪري استاد کي گهرجي ته هو يونٽ جي پڄاڻي وقت سموري يونٽ جو ورجاءُ ڪري, جنهن سان شاگردن کي سموري يونٽ جي مختلف موضوعن جي ربط کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿيندي.

**نوٽ:** جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پڄاڻي تي هڪ يا ٻه ڏينهن **"روشني"** جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري ۽ يونٽ ۾ بيان ڪيل سمورن تصورن کي زباني ۽ عملي ڪم ڪندي شاگردن کي مصروفِ عمل رکي ته ايئن ڪرڻ سان شاگردن کي نه صرف ان يونٽ ۾ موجود سمورن تصورن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي پر اهڙي سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن جي ذهني نشونما پڻ وڏيڪ سٺي نموني ٿيندي ۽ سندن يادداشت به بهتر ٿيندي.

# يونٽ 8

## زمين ۽ ڪائنات

| مقصد | گهربل تدريسي مواد |
|---|---|
| هِن يونٽ پڙهڻ کانپوءِ شاگرد اِن قابل ٿي ويندا جو هو:<br>• ڏينهن ۽ رات ۾ فرق ۽ انهن جي هڪٻئي ۾ تبديل ٿيڻ بابت سمجهي سگهندا.<br>• سج ۽ چنڊ مان حاصل ٿيندڙ روشني ۽ اُن جي فائدن بابت ڄاڻندا.<br>• ڌرتي جي سج جي چوگرد ڦيري سان صبح، منجهند، شام ۽ رات جو ٿيڻ ۽ ايندڙ تبديلين بابت سمجهي سگهندا.<br>• موسمن ڇا آهن، انهن جانالا ڪهڙا آهن ۽ اسان بدلجندڙ موسمن ۾ ڪهڙا لباس استعمال ڪندا آهيون اُن بابت پڻ ڄاڻندا. | سج، چنڊ ۽ ستارن جا ٺهيل ماسڪ<br>صبح، منجهند، شام ۽ رات جا ٺهيل ماسڪ<br>سردي، گرمي، بهار، خزان، جهڙيالي، طوفاني ۽ برساتي موسمن جا ماسڪ ۽ گهڙيال |

## عنوان : ڏينهن

**برين اسٽارمنگ:**




استاد بورڊ تي هڪ لفظ لکندو"ڏينهن" ۽ پوءِ ان جي چوگرد هڪ ڪڪر ٺاهي شاگردن کان هيٺ ڏنل ڪجهه سوال پڇندو ويندو ۽ حاصل ٿيل معلومات ان ڪڪر جي چوگرد لکندو ويندو:

- سج ڪهڙي وقت تي نڪرندو آهي؟
- سج مان اسانکي ڇا ملندي آهي؟
- باهه کان علاوه اسانکي گرمي ٻيو ڪٿان ملندي آهي؟
- جيڪڏهن سج نه نڪري ته پوءِ ڇا ٿيندو؟
- جيڪڏهن سج نه نڪري ۽ اونده ٿي وڃي ته ڇا اسانکي هر هڪ شيءِ واضح ۽ چٽي نظر ايندي؟

شاگردن جي ڏنل جوابن جي بنياد تي استاد سبق جي موضوع"ڏينهن" متعلق ٻئي معلومات کي وڌيڪ چٽي نموني واضح ڪندو ويندو ته جيئن شاگردن کي گُهڻ طرفي ڄاڻ حاصل ٿئي.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Earth | زمين | Shine | چمڪڻ،روشن |
| Universe | ڪائنات | Moon | چنڊ |
| Day | ڏينهن | Stars | تارا |
| Night | رات | Notebook | نوٽ بُڪ |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي چئن گروپن ۾ ورهائيندو ۽ سيني گروپن کي سرگرمي ڪرڻ لاءِ 10 منٽن جو وقت ڏيندو. ان کانپوءِ استاد سيني گروپن کي هدايت ڪندو تہ: "انهن ڪمن کي پنهنجي ذهن ۾ ياد ڪن. جيڪي اسان ڏينهن جي وقت ۾ ڪندا آهيون. "جيڪو گروپ مقرر وقت ۾ گهٽي کان گهٽا ڪم ياد ڪري ٻڌائيندو اهو گروپ مقابلو کٽي ويندو. اُن سرگرمي دوران استاد سيني گروپن جي همٿ افزائي ڪندو پر ڏينهن جي ڪمن جي نالن ياد ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ گروپ جي مدد نہ ڪندو. جڏهن وقت پورو ٿي وڃي تہ پوءِ استاد هر هڪ گروپ کي ڪلاس آڏو گهرائي، انهن کي چوندو تہ هو ياد ڪيل ڏينهن جا سمورا ڪم ٻڌائين. جڏهن گروپ پنهنجا ڏينهن جا ڪم ٻڌائيندو ويندو تہ اُن وقت سمورو ڪلاس وڏي آواز سان اهي ڪم ڳڻيندو ويندو تہ جيئن سمورو ڪلاس انهن جي ٻڌايل ڪمن جي ڪُل تعداد کان واقف ٿي وڃي.
- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 1 ڪرائيندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن کي ڏسي صرف انهن تصويرن ۾ رنگ ڀريو. جيڪي ڏينهن جي وقت چمڪنديون آهن
- استاد شاگردن کي هڪ رول پلي ڪرائيندو، جنهن ۾ ڪو بہ ڊائلاگ نہ هوندو. استاد ڪلاس مان چئن شاگردن کي چونڊيندو ۽ پوءِ هر هڪ شاگرد کي هڪ ايڪٽ ڪرڻ لاءِ چوندو. استاد چئني شاگردن کي هيٺ ڏنل ايڪٽ ڪرڻ لاءِ چوندو:

**صبح:** شاگرد صبح جي وقت ننڊ مان اٿڻ واري ايڪٽنگ ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پُڇندو تہ هِن ڪهڙي وقت واري اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**منجهند:** شاگرد منجهند جي وقت ٻاهران ڪم تان ٿي موٽڻ ۽ منجهند جي ماني کائڻ واري اداڪاري ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پُڇندو تہ هِن ڪهڙي وقت واري اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**شام:** شاگرد شام جي وقت تيار ٿي گهمڻ ڦرڻ ، راند تي وڃڻ واري وقت جي اداڪاري ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پُڇندو تہ هِن ڪهڙي وقت واري اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**رات:** شاگرد رات جي وقت ٽڪجي پوڻ ۽ پوءِ سمهڻ واري وقت جي اداڪاري ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پُڇندو تہ هِن ڪهڙي وقت واري اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق" ڏينهن"2+1 واري طريقي سان پڙهائيندو. ان کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استادسينڊوچ طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "ڏينهن" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| L2 | The Sun gives us heat and light. |
| L1 | سج اسانکي گرمي ۽ روشني فراهم ڪري ٿو. |
| L2 | The Sun gives us heat and light. |

**لکڻ:**

استاد سبق"ڏينهن" جي ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد هيٺ ڏنل ڪجھ جملا بورڊ تي لکندو ۽ انهن جملن ۾ اُن جي معنيٰ کي 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو. اُن کانپوءِ استاد شاگردن کان پڇندو تہ صحيح جملو ڪهڙو آهي ۽ غلط جملو ڪهڙو. استاد شاگردن جي ڏنل صحيح جواب کي اُن جملي آڏو صحيح يا غلط جو نشان لڳائيندو. جڏهن سرگرمي پوري ٿي ويندي تہ پوءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اِها سرگرمي پنهنجين ڪاپين ۾ لکن. هيٺ ڪجھ جملا ڏجن ٿا:

Sun is rising in the night?
Can we see everything in day light?
Do we see stars in shining day?

## عنوان : رات

**برين اسٽارمنگ:**

استاد شاگردن کي هيٺ ڏنل ڪهاڻي"رات جي راڻي" ٻڌائيندو ۽ پوءِ آخر ۾ انهن کان مختلف سوال ڪندو:

### رات جي راڻي

پيارا ٻارو! گهڻو وقت اڳ جي ڳالھ آهي تہ خوشباغ نالي هڪ ملڪ هو جتي هڪ راڻي جي حڪومت هئي. اُها راڻي ڏاڍي سُهڻي ۽ سُلڇڻي هوندي هئي. اُن راڻيءَ کي رات ڏاڍي وڻندي هئي ۽ هوءَ اڪثر راتين جو ستارن ڀريل گگن (آسمان) هيٺان ويهڻ ۽ گهمڻ پسند ڪندي هئي ۽ جيڪڏهن ڪنهن رات جو چنڊ چمڪندو هجي تہ پوءِ اُها راڻي چنڊ کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿيندي هئي. هوءَ ڏينهن جو حڪومت ڪندي هئي ۽ رات جو پنهنجن دوستن سان ڪچهري ڪندي هئي. ڇا توهان کي خبر آهي تہ اُن جا دوست ڪير ڪير هئا؟ اُن جا دوست هئا: چنڊ، تارا، آسمان ۽ رات جو وقت جنهن مهل هر شيءِ آرام ۾ هوندي آهي. اهي چار ئي اُن جا دوست هئا. راڻي روز رات جو انهن سان پنهنجي سڄي، ڏينهن جي سرگرمين بابت خبرون ڪندي هئي، ڇو تہ اُن جا دوست صرف رات جو ئي اچي سگهندا هئا ڏينهن جو نہ. اهڙي طرح راڻي ۽ ان جي چئن دوستن جي دوستي هلندي رهي. هڪ ڏينهن راڻي ڏاڍي بيمار ٿي پئي ۽ پوءِ رات جو اُن جي دوستن راڻي کي چيو تون فڪر نہ ڪر، اسان تنهنجا دوست آهيون ۽ اسان تنهنجي سار سنڀار لهنداسين. اهي چارئي دوست روز رات جو راڻيءَ سان ڪچهريون ڪندا هئا، طبعيت پُڇندا هئا ۽ دلاسا ڏيندا هئا ۽ ان جو ڪوڙ سارو خيال ڪندا هئا. اُها راڻي صحتياب ٿي وئي ۽ پوءِ ڪيترائي سال پنهنجي ملڪ تي حڪومت ڪندي رهي. ڪافي سالن کانپوءِ اُها راڻي مري وئي ۽ اُن جي ملڪ جي ماڻهن وڏي اهتمام سان ان راڻيءَ کي دفنايو. جڏهن رات ٿي تہ اُن جا دوست چنڊ، تارا، آسمان ۽ رات جو وقت ان وٽ آيا ۽ ان کي ياد ڪندي اُن جي قبر جي مٿان روئڻ لڳا. انهن جا ڳوڙها راڻي جي قبر مٿان جيئن ئي ڪريا تہ اُتان هڪ ٻوٽو پيدا ٿيو جنهن جي خوشبو ايتري تہ سٺي هئي جو آسپاس جي سمورن ماڻهن کي اُن جي خوشبو ڏاڍي وڻي وئي. راڻي جي وزيرن کي جڏهن رات جي وقت خوشبو ڏيندڙ اُن ٻوٽي جي خبر پئي تہ پوءِ انهن اُن ٻوٽي جو نالو"رات جي راڻي" رکيو. اُن کانپوءِ هر ڪنهن ماڻهوءَ راڻي جي اُن قبر واري ٻوٽي جي ڏانڊي کي پنهنجي گهرن جي اڱڻ ۾ لڳايو ۽ پوءِ اڄ تائين جتي بہ"رات جي راڻي" جو ٻوٽو لڳل هوندو آهي. اُتي رات جو ڏاڍي خوشبو هوندي آهي ۽ پوءِ"رات جي راڻي" جي اُن ٻوٽي سان اُن جا رات جا ساٿي: چنڊ، تارا، آسمان ۽ رات جو وقت ملڻ ايندا آهن ۽ اُن جي خوشبو ۾ اُن سان ڪوڙ ساريون ڪچهريون ڪندا آهن.

ڪهاڻي ختم ٿيڻ کانپوءِ استاد شاگردن کان هيٺ ڏنل ڪجھ سوال پڇندو:

- اسان رات جو ڇا ڪندا آهيون؟
- ڇا رات جو سج نظر ايندو آهي؟
- رات جي وقت آسمان تي ڇا نظر ايندو آهي؟

- رات جي راڻيءَ جا ڪهڙا دوست هئا؟
- ڇا روز رات جو مڪمل چنڊ نظر ايندو آهي؟
- رات جو آسمان ۾ پري پري ڇا ٽمڪندا آهن؟
- رات جو سُمهڻ ڪانپوءِ اوهان صبح جو اُٿندا آهيو ته پوءِ ڪيئن محسوس ڪندا آهيو؟

**نوان لفظ:**

**نوٽ: هن سبق جا لفظ هن يونٽ جي پوين سبقن ۾ اچي چڪا آهن. استاد انهن ئي لفظن جو ورجاءُ هتي ڪرائي.**

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي هيٺ ڏنل رول پلي جي تياري ڪرائيندو. جنهن تحت ڪلاس جي شاگردن مان ڪنهن هڪ شاگرد کي ڏنل ڊائلاگ ياد ڪرائيندو ۽ تي سگهي ته اُن شاگرد کي هڪ گول ماسڪ ٺاهي ڏيندو جنهن تي ڪارو رنگ ٿيل هوندو ۽ اُن تي ستارا ٺهيل هوندا ۽ پوءِ شاگرد اُهو ماسڪ پائي رول پلي پيش ڪندو:

Night:

Dear friends, you know about me very well. I am your friend people called me with the name of night, after day past I come with my friends. Moon, Stars and DarkSky are my best friends. If I may not come to you then you can't sleep.

- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 2 ڪرائيندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو ته ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن کي ڏسي صرف انهن تصويرن ۾ رنگ ڀريو جيڪي رات جي وقت چمڪنديون آهن.

**پڙهڻ:**

استاد پهرين ڏينهن تي شاگردن کي سبق "رات" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "رات" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | Look at the sky at night. What do you see? |
| | **L1** | رات جو آسمان ڏانهن ڏسو. توهانکي ڇا نظر آيو؟ |
| | **L2** | Look at the sky at night. What do you see? |

**لکڻ:**

استاد سبق "رات" ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد ڪجهه جملا بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ اهي جملا "سينڊوچ" ۽ 2+3 واري طريقي تحت پڙهي شاگردن کان پڇندو ته ڪهڙا جملا صحيح ۽ ڪهڙا غلط آهن. اُن ڪانپوءِ استاد بورڊ تي لکيل جملن آڏو نشان لڳائيندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اُهي ساڳيا جملا پنهنجين ڪاپين ۾ لکن. جملا هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| Can we see in the dark night? | True/False |
| The stars are shining in the night? | True/False |
| The Sun is appearing in the night? | True/False |
| Bright Moon is looking good in sky at night time? | True/False |
| We can see in dark night with light of Sun? | True/False |

# عنوان : ڏينهن ۽ رات

**برين اسٽارمنگ:**

استاد ڪلاس اندر هڪ تجربو ڪرائيندو. تجربي ڪرڻ لاءِ هو ڪلاس ۾ اوندهه ڪري هڪ ٽارچ يا موبائيل جي روشني هڪ وڏي گول بال تي هڻندو. بال جي جنهن پاسي تي ٽارچ جي روشني پوندي ته اِهو پاسو روشن ٿي پوندو ۽ اُن بال جو ٻيو ٻيون پاسو اونداهو ٿي پوندو. اِهو تجربو ڪري ڏيکارڻ ڪانپوءِ استاد شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پڇندو:

- هِن تجربي مان اوهان ڇا سکيو؟
- بال جي جنهن پاسي ڏي روشني لڳي رهي هئي اُهو پاسو ڪيئن نظر اچي رهيو هو؟
- بال جي جنهن پاسي ٽارچ يا موبائيل جي روشني نه لڳي رهي هئي، اُهو پاسو ڪيئن نظر اچي رهيو هو؟
- جي بال ڌرتي هجي ۽ ٽارچ يا موبائيل جي روشني سج جي روشني هجي ته پوءِ اوهان کي ڇا محسوس ٿيندو؟
- ڌرتي جي جنهن پاسي تي روشني هوندي آهي اُن پاسي ڇا هوندو آهي؟
- ڌرتي جي جنهن پاسي تي اونداهه هوندي آهي، اُن پاسي کي ڇا چئبو آهي؟

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Roll | گول گول گهمائڻ | Arrange | ترتيب ڏيڻ |
| Lit | روشن، منور | Equipment | اوزار |
| Rotate | ڪنهن جي چئوڌاري گهمڻ | Place | جڳهه |
| Away | پري، ڪنهن جڳهه کان پري | Morning | صبح |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

استاد شاگردن کي چئن گروپن ۾ ورهائيندو ۽ پوءِ هر گروپ کي هڪ ماڊل ٺاهڻ لاءِ چوندو. استاد هڪ گروپ کي سج، ٻئي کي چنڊ، ٽئين کي زمين ۽ چوٿين گروپ کي آسمان جو ماڊل ٺاهڻ لاءِ چوندو. ماڊل ٺاهڻ لاءِ شاگرد مٽي، پٿر، ڪپڙي، ڪپهه يا ڪنهن ٻئي شيءِ جو استعمال ڪري سگهن ٿا. ماڊل کي وڌيڪ خوبصورت بڻائڻ لاءِ شاگرد مختلف رنگن يا استعمال ٿيل شين جو پڻ استعمال ڪري سگهن ٿا. ٻئي ڏينهن تي جڏهن هر گروپ پنهنجا پنهنجا ماڊل تيار ڪري کڻي ايندو ته پوءِ استاد هر هڪ گروپ کي واري واري سان اُن ماڊل مطابق سموري ڪلاس آڏو پريزنٽيشن ڏيڻ لاءِ چوندو.

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "ڏينهن ۽ رات" 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق "ڏينهن ۽ رات" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | Take a candle or a torch and ask your friend to roll a ball in front of light. |
| **L1** | هڪ ميڻ بتي يا ٽارچ کڻو ۽ پنهنجي دوست کي چئو ته هو اُن جي روشني اڳيان بال کي گول ڦيرائي. |
| **L2** | Take a candle or a torch and ask your friend to roll a ball in front of light. |

**لکڻ:**

استاد "ڏينهن ۽ رات" جي سبق مان ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد شاگردن جا ﮤ گروپ ٺاهيندو ۽ انهن مان هڪ گروپ کي اهڙين شين بابت سوچڻ لاءِ چوندو جيڪي اسان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ ڏينهن جي وقت ڏسندا ۽ استعمال ڪندا آهيون ۽ ٻئي گروپ کي اهڙين شين بابت سوچڻ لاءِ چوندو جيڪي اسان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ رات جي وقت ڏسندا ۽ استعمال ڪندا آهيون. جڏهن ٻئي گروپ پنهنجو پنهنجو ڪم ڪري وٺن تہ پوءِ استاد هر گروپ کي هدايت ڪندو تہ هو پنهنجي سوچيل شين بابت ۽ انهن شين جي استعمال بابت سيني کي ٻڌائين.

## عنوان : صبح، منجهند، شام ۽ رات

**برين اسٽارمنگ:**

استاد ڪلاس ۾ هڪ گهڙيال کٽي ايندو يا وري سخت گتي مان تيار ٿيل فرضي گهڙيال ٺاهي کڻي ايندو ۽ پوءِ " **شو اينڊ ٽيل** " جي سرگرمي ذريعي شاگردن کي اُهو گهڙيال ڏيکاريندي وقت بابت سوال ڪندو. اهڙيءَ طرح استاد گهڙيال جي سُئِين کي گول گهمائيندي شاگردن کان متجندڙ وقت پُڇندو ويندو ۽ جڏهن شاگرد اهو وقت ٻڌائين تہ استاد شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال ڪندو:

- اچا تہ هن گهڙيال ۾ 7 وڄي رهيا آهن. جي پارو تہ 7 بجي ڪهڙو وقت هوندو آهي؟
- اچا پلا اسان 7 بجي صبح جو ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندا آهيون؟
- اچا تہ هاڻ گهڙيال ۾ 2 وڄي رهيا آهن. پلا 2 بجي سج ڪهڙي جاءِ تي هوندو آهي؟
- منجهند جي وقت اوهان ڇا ڪندا آهيو؟
- اچا تہ هاڻ گهڙيال ۾ 5 وڄي رهيا آهن. پلا 5 بجي ڪهڙو وقت هوندو آهي؟
- اسان شام جي وقت ڇا ڪندا آهيون؟
- اچا تہ هاڻ گهڙيال ۾ 8 وڄي رهيا آهن. پلا 8 بجي ڪهڙو وقت هوندو آهي؟
- اسان رات جي وقت ڇا ڪندا آهيون؟
- رات جو آسمان ۾ ڇا نظر ايندا آهن؟ وغيره

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Afternoon | ٻپهري منجهند | Sets | سج يا چنڊ جو لهڻ |
| Evening | شام | Bright | روشن |
| Divide | ورهائڻ، تقسيم ڪرڻ | During | جي دوران |
| Position | جڳهه/مقام جتي ڪوئي موجود هجي | Tell | ٻُڌائڻ |
| Rise | مٿي چڙهڻ | | |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 3 ڪرائيندو ۽ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ ڪتاب ۾ ڏنل پاڪستان جي جهنڊي کي رنگ ڪن ۽ اُن ڪانپوءِ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ٻين سرگرمين کي پڻ ڪتاب اندر شاگردن کي حل ڪرائيندو
- استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 4 شاگردن کان ڪرائيندو. هِن سرگرميءَ تحت ڪتاب ۾ لکيل جملا استاد وڏن اکرن سان بورڊ تي لکندو ۽ هر جملي جي هيٺان ڏنل لفظ پڻ لکندو. استاد هڪ ڪري هر جملو پهريان "سينڊوچ" ۽ پوءِ 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ هر جملي جي اختتام تي هيٺ لکيل لفظ پڻ

پڙهندو ويندو ۽ پوءِ شاگردن کان پڇندو تہ هيٺ ڏنل کھڙو لفظ ان جملي کي صحيح ثابت ڪندو. جڏهن شاگرد صحيح جواب ڏين تہ پوءِ استاد اُن لفظ تي صحيح جو نشان لڳائيندو. اُن کان علاوه جڏهن هيءَ سرگرمي پڇاڙي تي پهچي تہ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو پنهنجا ڪتاب کولين ۽ هر صحيح لفظ آڏو صحيح جي نشاني لڳائين.

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي سبق "**صبح، منجهند، شام ۽ رات**" 3+2 واري طريقي سان پڙهائيندو. اُن کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڙ سبق "**صبح، منجهند، شام ۽ رات**" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻُڌائيندو تہ جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي وڃي.

| | | |
|---|---|---|
| **Example:** | **L2** | A day is divided into four parts: morning, afternoon, evening and night. |
| | **L1** | هڪ ڏينهن چئن حصن ۾ ورهايل هوندو آهي: صبح، منجهند، شام ۽ رات. |
| | **L2** | A day is divided into four parts: morning, afternoon, evening and night. |

**لکڻ:**

استاد "**صبح، منجهند، شام ۽ رات**" جي سبق مان ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

**جائزو:**

استاد چئن وقتن صبح، منجهند، شام ۽ رات جون تصويرون پٽ تي لڳائيندو ۽ چٽڪين تي وڏن اکرن سان صبح، منجهند، شام ۽ رات لکي شاگردن ۾ اُهي چٽڪيون ورهائيندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو تہ هو چٽڪين تي لکيل اُهي لفظ صحيح تصويرن تي لڳائيندا وڃن.

## عنوان : موسم

**برين اسٽارمنگ:**

استاد بورڊ تي لفظ "موسم" لکندو ۽ پوءِ اُن جي چوگرد ڪڪر ناهي شاگردن کان هيٺ ڏنل سوال پڇندو. استاد شاگردن جي ڏنل جوابن کي ان ڪڪر جي چوگرد لکندو ويندو ۽ جتي ضرورت پوندي اُن جاءِ تي ڪنهن لفظ، تصور يا خيال کي پڻ واضح ڪندو:




- اونهاري ۾ موسم ڪيئن هوندي آهي؟
- سياري ۾ موسم ڪيئن هوندي آهي؟
- بهار ۾ ڇا ٿيندو آهي؟
- سرءُ جي موسم ۾ ڇا ٿيندو آهي؟
- جڏهن جهڙ ايندا آهن تہ اسان ان کي ڪهڙي موسم سڏيندا آهيون؟
- جڏهن تيز هوائون لڳنديون آهن تہ اسان اُن موسم کي ڪهڙي موسم چوندا آهيون؟

استاد شاگردن کان سوال پڇندي جيتري گهڻي معلومات حاصل ڪندو اوترو بهتر آهي. سوال پڇڻ دوران جيڪڏهن ڪنهن نقطي يا ڳالھ تي بحث مباحثو ٿئي تو تہ اُهو وڌيڪ بهتر آهي ڇو تہ شاگردن وچ ۾ بحث مباحثي ڪرڻ سان انهن جون سوچون وڌيڪ بهتر ٿينديون ۽ هو وڌيڪ سُٺي نموني، سِکندا.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| Weather | موسم | Snowy | برف وارو |
| Cloudy | جُهڙيالو | Breakfast | ناشتو صبح جو کاڌو |
| Windy | هوا وارو طوفاني | Lunch | منجهند جي ماني |
| Wear | پائڻ | Dinner | رات جي ماني |
| Sunny | صاف يا چمڪندڙ ڏينهن | Meal | ماني،کاڌو |

**ڪلاس روم جون سرگرميون:**

- استاد شاگردن کي هڪ هڪ پنو ڏيندو ۽ پوءِ کين هدايت ڪندو ته هو اُن پني تي پنهنجي پسند جي موسم جي تصوير ناهين. تصوير ناهڻ لاءِ شاگرد ڪتاب ۾ ڏنل تصويرن جي مدد پڻ حاصل ڪري سگهن ٿا. شاگرد مختلف موسمن جهڙوڪ: اُس واري، جُهڙالي، مينهوڳي، طوفاني ۽ برفاني موسمن تي ڊرائنگس تيار ڪندا.
- استاد شاگردن کي هڪ رول پلي ڪرائيندو، جنهن ۾ ڪو به ڊائلاگ نه هوندو. ان رول پلي تحت استاد شاگردن کي چئن گروپن ۾ ورهائيندو ۽ هر هڪ گروپ کي ڪتاب ۾ آيل چئن مُندن جي حوالي سان ڪپڙا پارائي هر هڪ مُند جي تصور کي سمجهائڻ لاءِ ڪلاس ۾ ڪيٽ واڪ Cat Walk ڪرائيندو. اُن لاءِ استاد شاگردن کي هيٺ ڏنل هدايتون ڏيندو:

**سيءُ:** شاگرد سياري ۾ استعمال ٿيندڙ ڪپڙا پائي ڪلاس ۾ گهمندو ۽ سياري جي سيءَ واري اداڪاري ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پڇندو ته هِن ڪهڙي مند جي اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**اونهارو:** شاگرد اونهاري جا ڪپڙا پائي ڪلاس ۾ گهمندو ۽ پوءِ اونهاري واري اداڪاري ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پڇندو ته هِن ڪهڙي مند واري اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**بهار:** شاگرد بهار جي مند وارا ڪپڙا پائي ڪلاس ۾ گهمندو ۽ هٿ ۾ ڪو گل ڪٽي ڏاڍي خوشگوار مُوڊ ۾ گهمڻ جي اداڪاري ڪري ڏيکاريندو ۽ پوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پڇندو ته هن ڪهڙي مند واري اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**سرءُ:** شاگرد خزان جي مُند جي اداڪاري ڪندي ڪلاس ۾ گهمندو ۽ اُن جي هٿ ۾ ڪنهن سڪل ٻوٽي جي ڏانڊي پڻ هوندي ۽ اُن جو چهرو پڻ اداس هوندو. اهڙي اداڪاري ڪرڻ ڪانپوءِ استاد ڪلاس جي ٻين شاگردن کان پڇندو ته هِن ڪهڙي مند واري اداڪاري ڪري ڏيکاري؟

**پڙهڻ:**

پهرين ڏينهن تي استاد شاگردن کي"**موسم**" سبق 2+3 واري طريقي سان پڙهائيندو. ان ڪانپوءِ ٻئي ڏينهن تي استاد "سينڊوچ" طريقيڪار تحت پهرين پاڻ سبق"**موسم**" معنيٰ سميت شاگردن کي پڙهي ٻُڌائيندو ته جيئن شاگردن کي سبق جو متن آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

**Example:**

| | |
|---|---|
| **L2** | When it is hot we wear light clothes. |
| **L1** | جڏهن موسم گرم هوندي آهي ته اسان هلڪا سنها ڪپڙا پائيندا آهيون. |
| **L2** | When it is hot we wear light clothes. |

**لکڻ:**

- استاد"**موسم**" جي سبق ۾ ڏنل ٻن لائينن جي پيراگراف کي معنيٰ سميت بورڊ تي لکندو ۽ پوءِ شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو اِهو پيراگراف پنهنجين ڪاپين ۾ لکن.

- استاد شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 5 ڪرائيندو ۽ گرم ۽ ٿڌي موسم جي حوالي سان ڏنل مختلف شين جي تصويرن کي انهن موسمن سان ملائڻ لاءِ چوندو. شاگرد اها سرگرمي ڪتاب منجهه ڪندا ۽ استاد سرگرمي ڪرڻ دوران مسلسل سندن رهنمائي ڪندو.

**ورجاءَ جون سرگرميون:**

**سرگرمي نمبر 1:**

استاد بورڊ تي ڪتاب ۾ ڏنل خال وارا جملا لکندو ۽ خالن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ پڻ بورڊ تي لکندو. استاد هر هڪ جملو پهرين سينڌ وچ طريقيڪار تحت پڙهندو ۽ پوءِ بورڊ تي لکيل انهن جملن کي 2+3 واري طريقي تحت پڙهندو ۽ شاگردن کان جواب حاصل ڪندو. صحيح ڏنل جواب استاد بورڊ تي لکيل خالن واري جڳهن تي لکندو ويندو. جڏهن سرگرمي مڪمل ٿي وڃي ته پوءِ استاد شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو بورڊ تي مڪمل ڪيل سرگرمي کي پنهنجن ڪتابن ۾ لکن.

**سرگرمي نمبر 2:**

استاد ڪتاب ۾ ڏنل سرگرمي نمبر 2 ڪرائيندي شاگردن کي هدايت ڪندو ته هو ڪتاب ۾ ڏنل ٻنهي تصويرن مان اونهاري جي موسم يا گرمي واري تصوير کي هيڊو/ڦڪو رنگ ڪن ۽ سردي يا سياري جي موسم واري تصوير کي نيرو رنگ ڪن.

**يونٽ جي پڇاڙي:**

هن جڳهه تي يونٽ" **زمين ۽ ڪائنات**" جي پڇاڙي ٿئي ٿي. تنهن ڪري استاد کي گهرجي ته هو يونٽ جي پڇاڙي وقت سموري يونٽ جو ورجاءُ ڪري جنهن سان شاگردن کي سموري يونٽ جي مختلف موضوعن جي ربط کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿيندي ۽ هو يونٽ جي هڪٻئي سان جڙيل مختلف موضوعن تي دسترس حاصل ڪرڻ جي قابل ٿيندا.

ورجاءُ ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين کي مدِنظر رکڻ ضروري آهي:

- جيڪڏهن سموري يونٽ جو ورجاءُ هڪ هفتو يا ان کان به وڌيڪ وقت هلي ٿو ته ان ۾ ڪا پريشاني ڪونهي
- استاد کي گهرجي ته اُن ڳالهه جي پڪ ڪري ته هر هڪ شاگرد کي يونٽ جي هر هڪ حصي تي مڪمل دسترس حاصل هجي جيئن:
- يونٽ ۾ موجود سمورن موضوعن جي سموري متن جي سمجهڻ
- يونٽ ۾ استعمال ڪيل لفظن جي ذخيري جي يادگيري
- صبح، منجهند، شام ۽ رات جي تصور کي صحيح طرح سمجهڻ
- چئني مندن سان گڏ بدلجندڙ موسمن جي ڦير گهير بابت ڏنل معلومات تي مڪمل دسترس
- اُن کان علاوه ان ڳالهه کي پڻ يقيني بڻايو وڃي ته يونٽ ۾ ڏنل هر هڪ مشق ۽ سرگرمي تي هر هڪ شاگرد کي مڪمل مهارت حاصل هجي

**نوٽ:** جيڪڏهن استاد پنهنجي اسڪول جي انٽرپرينيوئر جي مدد سان يونٽ جي پڇاڙي تي هڪ يا ٻه ڏينهن "**زمين ۽ ڪائنات** "جي حوالي سان ڪلاس کي سينگاري ۽ يونٽ ۾ بيان ڪيل سمورن تصورن کي زباني ۽ عملي ڪم ڪندي شاگردن کي مصروفِ عمل رکي ته ائين ڪرڻ سان شاگردن کي نه صرف ان يونٽ ۾ موجود سمورن تصورن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي پر اهڙي سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن جي ذهني نشوونما پڻ وڌيڪ سٺي نموني ٿيندي ۽ سندن يادداشت به بهتر ٿيندي.

Sindh Education Foundation
Government of Sindh
House # 21-A, Block 7 / 8 ,Overseas Cooperative Housing Society,
Ameer Khusro Road, Karachi. Ph : 021-341691411-5
021-34305753-4 , 021 - 34301460-3, Fax: 021 - 34169181
E-mail : info@ Sef. Org.pk Webside : www.sef.org.pk